جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | خميس 24 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 11 ربيع الثاني 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 343

سنڌ جي وڏي وزير جو ڪراچي سرڪلر ريلوي ڊيزائن تي ڪم اڳيان وڌائڻ جو فيصلو

وڏي وزير جي ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايمافين سان ملاقات ۾ ڪراچي سرڪلر ريلوي سميت مستقبل جي اهم ترقياتي منصوبن تي غور

سنڌ حڪومت ۽ ايشين ڊولپمينٽ بينڪ ڪي سي آر جي لاءِ ٽرمز آف ريفرنس حتمي ناهڻ تي اتفاق ڪيو، منصوبي جي لاءِ زمين جي دستيابي جي تصديق جو فيصلو به ڪيو ويو

ڪراچي سرڪلر ريلوي شهر جي لاءِ تبديلي جو سبب بڻجندڙ منصوبو آهي. ايراني ۽ رائٽ آف وي بابت مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ وفاق سان تعاون ڪيو ويندو : مراد علي شاه

سنڌ جي وڏي وزير جي ترجمان موجب ملاقات ۾ سنڌ حڪومت ۽ اي ڊي بي جي وچ ۾ ترقياتي پائيواري، شهري چرپر، حرڪت، تعليم، صحت ۽ مستقبل جي منصوبن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ جي وڏي وزير شهري چرپر کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ منصوبه بندي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اي ڊي بي طرفان سنڌ ۾ مستقبل جي ترقياتي منصوبن لاءِ تعاون جاري رکڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي

اي ڊي بي طرفان سنڌ ۾ مستقبل جي ترقياتي منصوبن لاءِ تعاون جاري رکڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه ڪراچي سرڪلر ريلوي (ڪي سي آر) جي التوا هيٺ مسئلا حل ڪرڻ ۽ منصوبي جي ڊيزائن تي ڪم اڳيان وڌائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايمافين سان ملاقات ۾ ڪراچي سرڪلر ريلوي سميت مستقبل جي اهم ترقياتي منصوبن تي غور ڪيو ويو. ملاقات ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

وزيراعظم جون بل گيٽس ۽ عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون، پائيواري کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع ڪرڻ” جو عزم

وزيراعظم گيٽس فائونڊيشن جي چيئرمين بل گيٽس سان پڻ ملاقات ڪئي، جنهن پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي جي ڪوشش کي ”ايندڙ نسلن جي تحفظ لاءِ انتهائي اهم“ قرار ڏنو

وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غذائيت، ويڪسينيشن، ڊجيٽل نظام ۽ مالي شموليت جي شعبن ۾ سهڪار لاءِ گيٽس فائونڊيشن جي ڪردار کي ساراهيو

پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ هڪ قابلِ اعتماد ساٿي هجڻ تي ساراهيو ۽ عوامي صحت، زراعت، ڊجيٽل جدت ۽ مصنوعي ذهانت سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ ۾ دلچسپي ظاهر

وزيراعظم شهباز ۽ بل گيٽس ”بهتر ٻج، چوپائي مال جي جينياتي بهتري ۽ زراعت ۾ ايندڙ جديد ٽيڪنالاجين جي ترقي ۾ سهڪار جا موقعا ڳولڻ“ تي پڻ اتفاق ڪيو

ٻنهي ”پاڪستان جي عوام لاءِ پائيدار ترقي، ٽيڪنالاجي جي واڌ ويجهه ۽ سماجي شعبن ۾ بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ پائيواري کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع ڪرڻ“ جو عزم ڪيو

وزيراعظم شهباز شريف مائڪروسافٽ جي گڏيل باني بل گيٽس کي پاڪستان جي دوري جي دعوت پڻ ڏني. پاڪستان افغانستان سان گڏ دنيا جي انهن آخري ٻن ملڪن مان هڪ آهي

نيو يارڪ (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي مختلف اڳواڻن سان ڪيترين ئي ملاقاتون ڪيون. وزيراعظم گيٽس فائونڊيشن جي چيئرمين بل گيٽس سان پڻ ملاقات ڪئي، جنهن پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي جي ڪوشش کي ”ايندڙ نسلن جي تحفظ لاءِ انتهائي اهم“ قرار ڏنو. وزيراعظم آفيس (پي ايم او) پاران ايڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

نيويارڪ : وزير اعظم شهباز شريف بل گيٽس سان ملاقات ڪندي

آءِ ايم ايف وچ ۾ ڳالهين جي شروعات، ڪاميابي جي صورت ۾ پاڪستان کي 1.2 ارب ڊالر ملڻ جو امڪان

وڌايل فنڊ سهولت پروگرام (اي ايف ايف) تحت معاشي جائزي لاءِ آءِ ايم ايف جو وفد پاڪستان پهچي ويو

قرض پروگرام جي پنجين قسط لاءِ ڳالهيون ٻن هفتن تائين جاري رهنديون ۽ ڪاميابي جي صورت ۾ پاڪستان کي 1.2 ارب ڊالر تائين ملڻ جو امڪان

آءِ ايم ايف مشن اسٽيٽ بئنڪ جي اختيارين سان ڳالهين جي شروعات ڪندو، پهرين مرحلي ۾ اسٽيٽ بئنڪ جي اختيارين سان فني ڳالهيون ٿينديون

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) وچ ۾ ڳالهين جي شروعات اربع ڪان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

پي ٽي آءِ جو سياسي بيانيو سوشل ميڊيا تي ڪوڙ ۽ شعبدي بازي تي ٻڌل آهي: عطا الله تارڙ

صوبي ۾ دانش اسڪول قائم ڪيا پيا وڃن ۽ جڏهن ته خيبرپختونخوا جي عوام پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو

پشاور جي يونيورسٽي ٽائون ۾ صوبائي اسيمبلي جي ميمبر جلال خان جي آفيس جي افتتاح جي موقعي تي ڪارڪنن کي خطاب

پشاور (م ڊ) وفاقي وزير اطلاعات ۽ نشريات عطا الله تارڙ چيو آهي ته پي ٽي آءِ جو سياسي بيانيو سوشل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

نيويارڪ: ناٽي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

اسحاق ڊار جي نيويارڪ ۾ يونان جي پرڏيهي وزير سان ملاقات

جنهن دوران پاڪستان ۽ يونان وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو

نيويارڪ (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ جي اوليت آهي ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت رڳو ڪراچي تائين محدود نه رهي: شرجيل انعام ميمڻ

ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي سنڌ 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري جي سمري ڪابينا کي موڪلي ڇڏي ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ صوبي جي مختلف شهرن ۾ مرحلي وار نين اليڪٽرڪ بسون هلايون وينديون

سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌائي رهي آهي، سنڌ جي اوليت آهي ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت رڳو ڪراچي تائين محدود نه رهي

پيپلز بس سروس جو دائرو لڳاتار وڌايو پيو وڃي، نئين روٽس جو مقصد شهرين کي سستي ۽ بهتر سفري سهولت ڏيڻ آهي 50 ڊبل ڊيڪر بسون 30 نومبر تائين سنڌ پهچي وينديون

ڪراچي (رپورٽر) ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي سنڌ 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري جي سمري ڪابينا کي موڪلي ڇڏي آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ صوبي جي مختلف شهرن ۾ مرحلي وار نين اليڪٽرڪ بسون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاه سان ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ملاقات ڪندي

”روڊن جي مرمت پئي ٿي“، اسلام آباد ڏانهن ويندڙ مسافر خبردار، ايم ون سميت اهم شاهراهون ٽريفڪ لاءِ بند

اسلام آباد (بيورو) نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس (اين ايڇ ايم پي) موجب ملڪ جي مختلف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ايران_آمريڪا ڳالهين جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس دوران ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سعودي عرب ۾ پاڪستاني شهرين کي سياسي سرگرمين، مظاهرن ۽ سياسي نظرين جي تشهير کان پاسو ڪرڻ جي هدايت

سفارتخاني پاڪستاني شهرين کي سوشل ميڊيا جي استعمال دوران پڻ مقامي قانونن جي پابندي ڪرڻ ۽ احتياط کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏني آهي

سعودي قانونن تحت ڪنهن به قسم جي سياسي سرگرمي ۾ ملوث ٿيڻ منع آهي

رياض (م ڊ) سعودي عرب ۾ پاڪستاني سفارت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ٻن ڏينهن لاءِ موبائل ۽ انٽرنيٽ سروس معطل

راولپنڊي ۽ اسلام آباد سميت اٽڪ جي مختلف علائقن ۾ ٻن ڏينهن دوران موبائل فون ۽ انٽرنيٽ سروس بند رهندي

موبائل فون سروس معطل ڪرڻ تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو هو، جنهن تي هاڻي عملدرآمد جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي امڪاني لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي راولپنڊي، اسلام آباد ۽ اٽڪ ضلعي ۾ 2 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسلام آباد کي سومنات بڻائينداسين“ واري بيان تي پي ٽي آءِ اڳواڻ جنيد اڪبر خلاف ڪيس داخل

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ايران ۽ آمريڪا ۾ ڳالهيون، ٻئي ڌريون مثبت اڳڀرائي لاءِ پراميد

ڳالهين دوران ايران ۽ آمريڪا جا وفد ڌار ڌار ڪمرن ۾ ويٺا هئا پر پاڪستان ۽ قطر جي نمائندن معرفت هڪٻئي کي تجويزون موڪليندا رهيا

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي ثالثن ذريعي ڊگهيون ڳالهيون ٿيون

نيو يارڪ (م ڊ) ايران ۽ آمريڪا جي وفدن جي ثالثن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

نارروال: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

بجلي چوري جي نشاندهي ۽ نقصانن ۾ گهٽتائي لاءِ سمورين ڊسڪوز جو فني آڊٽ ڪرائڻ جو فيصلو

اجلاس ۾ بجلي چوري روڪڻ، بجلي ورڇ جا نقصان گهٽائڻ ۽ بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ قدمن جو جائزو ورتو ويو

ورڇ جي نقصانن، وصولين ۽ توانائي جي شعبي ۾ ٽيڪنالاجي جي استعمال بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي

غور ويچار ڪانپوءِ ڪميٽي سمورين بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين (ڊسڪوز) جو جامع فني آڊٽ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو

اسلام آباد (بيورو) بجلي چوري جي نشاندهي ۽ نقصانن ۾ گهٽتائي لاءِ سمورين ڊسڪوز جو فني آڊٽ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير اقتصادي معاملن ۽ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن سينيٽر احد چيمه ۽ وفاقي وزير پاور ڊويزن سردار اويس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

لاهور: چيئرمين پي ٽي آءِ بيرسٽر گوهر عمران خان جي ڀيڻوئي سان اظهار يڪجهتي جو اظهار ڪندي

صحت مرڪزن ۾ ٻاهه کان بچاءَ ۽ بنيادي ڍانچي جي سڌارن لاءِ جامع جائزو وٺڻ جو فيصلو

مريضن، طبي عملي ۽ عوام جي حفاظت لاءِ ضروري سڌارا ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيا وڃن : وفاقي وزير

اجلاس ۾ قومي صحت واري وزارت جي نگراني هيٺ هلندڙ سمورن ادارن ۾ ٻاهه کان بچاءَ جي انتظامن ۽ بنيادي ڍانچي ۾ جامع سڌارن جو جائزو ورتو ويو

سمورن اسپتالن، بنيادي صحت مرڪزن ۽ ٻهراڙي وارن صحت مرڪزن جي فني ۽ بنيادي ڍانچي جو جامع جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) صحت مرڪزن ۾ ٻاهه کان بچاءَ ۽ بنيادي ڍانچي جي سڌارن لاءِ جامع جائزو وٺڻ جو فيصلو وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو، جنهن ۾ صحت واري وزارت جا لاڳاپيل اعليٰ عملدار ۽ آفيسر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر اهم ملاقات

سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ علائقائي سلامتي جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ خطي ۾ امن ۽ استحڪام ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ان موقعي تي آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي لازوال قربانين جو اعتراف ڪندي انهن کي ساراهيو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر اهم ملاقات ڪئي، جنهن دوران پاڪ_آمريڪا لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ، سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ علائقائي سلامتي جي مجموعي صو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پنجاب جي سڄي صوبي ۾ قلم 144 لاڳو

عوامي هنڌن، شاهراهن يا کليل جاين تي 5 يا ان کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏجاڻي، جلوس يا ميڙ تي مڪمل پابندي لاڳو

پنجاب جي گهرو کاتي قلم 144 تي فوري عملدرآمد جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي سڄي صوبي ۾ قلم 144 لاڳو ڪندي عوامي هنڌن، شاهراهن يا کليل جاين تي 5 يا ان کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

147 پيٽرول پمپن تي پيٽرول رليف اسڪيم، ڊبل لڪ موٽرسائيڪل ۽ ننڍين گاڏين جا مالڪ فائدو وٺي چڪا

مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري وفاقي گادي واري هنڌ جي مختلف پيٽرول پمپن جو دورو

وزيراعظم پاڪستان طرفان فراهم ڪيل پيٽرول رليف اسڪيم تي عملدرآمد ۽ شهرين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو

اسلام آباد جي 147 پيٽرول پمپن تي رليف اسڪيم جي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي : طلال چوڌري

اسلام آباد (بيورو) 147 پيٽرول پمپن تي پيٽرول رليف اسڪيم، ڊبل لڪ موٽرسائيڪل ۽ ننڍين گاڏين جا مالڪ فائدو وٺي چڪا مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري وفاقي گادي واري هنڌ جي مختلف پيٽرول پمپن جو دورو ڪري وزيراعظم پاڪستان طرفان فراهم ڪيل پيٽرول رليف اسڪيم تي عملدرآمد ۽ شهرين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

مکو دفاعي معاهدو: ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ نعمان محمود پهريون سيڪريٽري جنرل مقرر

سيڪريٽري جنرل رياض ۾ قائم ٿيندڙ اتحاد جي جنرل سيڪريٽريٽ جي قيادت ڪندو

مکي گڏيل دفاعي معاهدو سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي وچ ۾ ٿيل ٽه طرفو دفاعي معاهدو آهي

رياض (م ڊ) ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ نعمان محمود کي مکي دفاعي معاهدي تحت اتحاد جو پهريون سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيو ويو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پاڪستان جي جاگرافيائي سالميت، رياستي خودمختياري ۽ عوام جي تحفظ تي ڪو به ٺاهه نه ڪيو ويندو: حنيف عباسي

پاڪستان جي هوائي حدن جي کليل ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي

پاڪستان ڏانهن ميري نظر سان ڏسندڙن کي هر سطح تي ڀرپور ۽ منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو

هٿياربند فوج جي بروقت ۽ اثرائتي جوابي ڪارروائي ملڪ جي بچاءَ لاءِ سندن غيرمعمولي پيشورانه صلاحيت ۽ هر وقت تيار رهڻ جو چٽو ثبوت آهي

پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياري تي ڪنهن کي به وار ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزيرِ ريلوي محمد حنيف عباسي افغان طالبان حڪومت طرفان موڪليل سمورن ڊرونن کي فضا ۾ ئي ڪيرائڻ ۽ ناڪارا بڻائڻ تي پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ هوائي بچاءَ واري نظام کي شاندار لفظن ۾ ڀيٽا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

حافظ نعيم الرحمان مريم نواز جي اثاثن جي فرانزڪ آڊٽ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

مريم نواز ٻڌائي 2 ڪروڙ 72 لک روپيه ڪٿان کان آيا ۽ انهن تي ڪيترو ٽيڪس ادا ڪيو ويو، حڪومت کي پنهنجي شاهي خرچين ۾ گهٽتائي ڪرڻي پوندي : حافظ نعيم

11 ارب روپين جو نئون جهاز خريد ڪيو ويو ٻڌايو وڃي ته پراڻو جهاز ڪٿي آهي، جيڪڏهن پراڻو جهاز صحيح آهي ته نئون جهاز ڇو خريد ڪيو ويو؟

جماعت اسلامي جي اها وڏي ڪاميابي آهي ته اڄ عوام کي پتي ۽ ليوي جي خبر پئجي وئي آهي

حڪومت سان ڳالهين جا جيڪي 6 دور ٿيا انهي ۾ ليوي جي خاتمي کي ڪيئن ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

اسلام آباد (بيورو) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان پنجاب جي وزيراعلي مريم نواز جي اثاثن جي فرانزڪ آڊٽ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته مريم نواز ٻڌائي 2 ڪروڙ 72 لک روپيه ڪٿان کان آيا ۽ انهن تي ڪيترو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ايراني پاسداران انقلاب پاران آمريڪا جي رابطي جي ڪوشش رد

پر پاسداران انقلاب ان ڪوشش کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو آهي

دشمن سان اسان جا معاملا، جيسين هو اسان خلاف دشمني رکي ٿو

تهران (م ڊ) ايران جي پاسداران انقلاب جي ترجمان حسين محبي جو چوڻ آهي ته آمريڪا ساڻ رابطو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر پاسدارا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

لاهور: چيئرمين ايف بي آءِ راشد محمود لنگڙيال اجلاس جي صدارت ڪندي

قتل ڪيل نوجوان روشم خان جي قتل خلاف منگهوپير ٿاڻي آڏو وارثن جو ڌرڻو

ڪراچي (رپورٽر) منگهوپير گرين سٽي ۾ قرلٽ دوران فائرنگ ڪري قتل ڪيل نوجوان روشم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

نئون ڪراس شيئرنگ فيچر، فيس بڪ ۽ انسٽاگرام ريلز واٽس ايپ تي موڪلڻ جو صفا سولو طريقو

ڪراچي (رپورٽر) جيڪڏهن توهان فيس بڪ ۽ انسٽاگرام تي اڪثر پوسٽون ڪندا آهيو ۽ انهن کي واٽس ايپ تي شيئر ڪرڻ چاهيو ٿا ته ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڀيڻ قتل جي ڪيس ۾ عورت زيب النسا جي قتل جي ڏوهه ۾ جوابدار بخت بلند جي موت جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جمشيد ڪوارٽرز ۾ گهرو تڪرار تان ٿيل ڀيڻ قتل ج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

فلسطين جي برباد صورتحال تي دنيا کي غور ڪرڻو پوندو: انتونيو گوتريس

جن ۾ سڀ کان وڌيڪ عام شهري متاثر ٿيا آهن. جنرل اسيمبليءَ کي خطاب

فلسطين جي برباد ٿيل صورتحال تي دنيا کي غور ڪرڻو پوندو، جو ته اهڙي تباهي پهرين ڪڏهن ناهي ڏٺي وئي

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس چيو آهي ته گذريل ڏهاڪي ۾ شروع ٿيل جنگين جا خوفناڪ ۽ تباهه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

هو اسان جو پاڪستان جو بابائي قوم هو“ ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي شاگردن قائداعظم جون تصويرون ڦاڙي ڇڏيون، جاچ شروع

ڍاڪا (م ڊ) بنگلاديش جي ڍاڪا يونيورسٽي پنهنجي شاگرد يونين جي تاريخي آرڪائيو ۾ پاڪس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

امن امان بابت خدشا؟ پنجاب حڪومت 4 ضلعن ۾ رينجرز مقرر ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت راولپنڊي، اٽڪ، جهلم ۽ ميانوالي ۾ رينجرز مقرر ڪرڻ لاءِ و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل خيبرپختونخوا جي ضلعي ڪوهاٽ ۾ مسجد تي آپگهاتي دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت

ڪوهاٽ (م ڊ) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل خيبرپختونخوا جي ضلعي ڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

اسلام آباد: جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

آمريڪي پابنديون ايراني جهازن کي آسمان ۾ اڏامڻ کان روڪي نه سگهيون

ماهان ايئر جي اڏام 093 مقامي وقت موجب اربع ڏينهن شام 4 لڳي 39 منٽن تي چين جي شهر گوانگزو ۾ لٿي

گوانگزو بائي يون ايئرپورٽ جي سرڪاري ويب سائيٽ تي ان اڏام جي لينڊنگ جا تفصيل موجود نه هئا

تهران (م ڊ) آمريڪي پابندين ۽ ڌمڪين باوجود ايراني ايئرلائنز جون عالمي اڏامون جاري آهن. فلائيٽ ٽريڪنگ ويب سائيٽ ”فلائيٽ ريڊار 24“/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ستاويهه سيپٽمبر جي احتجاج کان حڪومت خوفزده آهي: حليم عادل شيخ

سياسي ڪارڪنن توڙي چونڊيل نمائندن جي گرفتارين تي سخت ڳڻتي جو اظهار

حڪومت ايتري خوفزده آهي جو موٽرويز ۽ اهم شاهراهن تي ڪنٽينر لڳائي رستا بند ڪيا پيا وڃن هن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ 27 سيپٽمبر جي پرامن احتجاج ۽ سياسي ڪارڪنن توڙي چون/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

پاڪستاني هوائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام

ائير ڊفنيس افغانستان جا اٺ ڊرون تباهه ڪري ڇڏيا

صبح افغان طالبان حڪومت طرفان 8 ڊرون پاڪستان جي هوائي حدن ڏانهن موڪليا ويا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان افغان طالبان حڪومت جي دراندازي جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي فضا ۾ ڇڏيل سمورا ڊرون تباهه ڪري ڇڏيا. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

حيدرآباد: رهبر ڪميٽي سربراه جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض علي چانڊيو اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي ٽيڪنالاجي نمائش ۾ انفارميشن سسٽم متعارف ڪرايو

مانيٽرنگ ۽ مئنيجمينٽ سسٽم جو مقصد ماحولياتي گورننس، نگراني ۽ عوامي خدمتن کي جديد ڊجيٽل سسٽم سان ڳنڍڻ آهي: فيصل احمد عاقلي

صنعتي رجسٽريشن، انسپيڪشن، شڪايتن ۽ رڪارڊ مئنيجمينٽ جي عمل کي تيز، وڌيڪ شفاف ۽ اثرائتو بڻائي سگهجي

ماحولياتي شڪايتن جي رجسٽريشن ۽ ٽريڪنگ ۽ انسپيڪشن مئنيجمينٽ کي هڪ مربوط نظام ۾ آندو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ماحولياتي تحفظ واري اداري (SEPA) ايڪسپو سينٽر ۾ ٽن ڏينهن واري ٽيڪنالاجي نمائش ۾ ڊجيٽلائيزيشن ۽ سنڌ انٽيگريٽڊ انوائرمينٽل مانيٽرنگ اينڊ مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم (SIEMMIS)/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

سنڌ ۾ نسلي ۽ لساني تضاد پيدا ڪرڻ وارين سمورين ڪوششن کي ناڪام بڻايو ويندو: رياض چانڊيو

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جيئي سنڌ قومي پارٽي چيئرمين نواز خان زئور جيئي سنڌ تحريڪ چيئرمين شبير احمد جمالي شرڪت

جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران 8 نومبر تي ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو

سڄي سنڌ ۾ سڄاڳي مهم هلائي 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ به وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو سربراهي اجلاس حيدرآباد ۾ سخي ستار ڏنو چوليائي هائوس تي رهبر ڪميٽي سربراه جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ جسقم (ش ب) چيئر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 24 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 11 ربيع الثاني 1448هه

جنگن جي دنيا ۾ امن جي هڪ نئين اميد

نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي آمريڪي ۽ ايراني وفدن وچ ۾ ٽن ڪلاڪن تائين ٿيل ملاقات عالمي سياست ۾ هڪ اهم سفارتي پيش رفت طور سامهون آئي آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ ملاقات جي تصديق ڪندي ان کي سٺو قرار ڏنو آهي، جڏهن ته ايراني پاسي کان آبنائي هرمز کولڻ سميت ڪجهه اهم شرطن کي ڳالهين سان ڳنڍيو ويو آهي. موجوده صورتحال ۾ هن ملاقات جي اهميت رڳو آمريڪا ۽ ايران تائين محدود ناهي، پر ان جا اثر وچ اوڀر جي امن، عالمي توانائي جي فراهمي، تيل جي قيمتن، عالمي معيشت ۽ لکين عام ماڻهن جي مستقبل سان ڳنڍيل آهن.

دنيا هن وقت اهڙي دور مان گذري رهي آهي، جتي جنگين ۽ طاقت جي مقابلي جو دائرو وڌندو پيو وڃي. يوڪرين کان وچ اوڀر تائين، فلسطين کان سوڊان ۽ ٻين بحرانن تائين، عام انسان جنگ جي قيمت ادا ڪري رهيو آهي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي خبردار ڪيو آهي ته دنيا جنگ ۽ امن، وڌندڙ اڻ برابري، موسمي تبديلي ۽ مصنوعي ذهانت جهڙن وڏن چئلينجن جي آزمائش مان گذري رهي آهي. هن سلامتي ڪائونسل ۾ سڌارن جي ضرورت تي به زور ڏنو آهي.

اصل سوال اهو آهي ته ڇا عالمي طاقتون جنگ کي مسئلن جو حل سمجهنديون رهنديون يا ڳالهين کي مستقل رستو بڻائينديون؟ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٿيل موجوده ملاقات ان سوال کي ٻيهر دنيا جي سامهون آڻي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن سخت بيانن، معاشي پابندين ۽ فوجي دٻاءَ جي باوجود ٻنهي ملڪن جا نمائندا هڪ ئي ميز تي ويهي سگهن ٿا ته پوءِ سفارتڪاري لاءِ دروازا مڪمل طور بند ناهن. ٽن ڪلاڪن جي ملاقات پاڻ ۾ ڪنهن حتمي معاهدي جي ضمانت ناهي، پر اها ڳالهه ضرور ظاهر ڪري ٿي ته بحرانن جي وچ ۾ به ڳالهين جي گنجائش باقي رهي سگهي ٿي. موجوده رپورٽن موجب ملاقات ۾ آبنائي هرمز ۽ مستقبل جي ڳالهين جي شرطن تي به ڌيان ڏنو ويو.

آبنائي هرمز جو مسئلو خاص اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته هي رستو عالمي توانائي جي فراهمي لاءِ انتهائي اهم آهي. جڏهن هن علائقي ۾ ڇڪتاڻ وڌي ٿي ته ان جو اثر رڳو جنگ ۾ شامل ملڪن تائين نٿو رهي، پر دنيا جي مارڪيٽن، تيل جي قيمتن، ٽرانسپورٽ ۽ مهانگائي تائين پهچي ٿو. تازين رپورٽن موجب آمريڪا ۽ ايران بابت غيريقيني صورتحال سبب تيل جي عالمي مارڪيٽن ۾ به خدشا وڌيا آهن.

ان صورتحال ۾ فلسطين جو بحران به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. گوتريش فلسطين ۽ والاريل علائقن جي صورتحال بابت سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي ۽ عالمي برادري کي وڌيڪ سفارتي ڪوشش، ڳالهين ۽ ڇڪتاڻ گهٽائڻ طرف وڃڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. فلسطين ۾ انساني الميي کي ڪنهن ٻئي عالمي بحران جي پاڇي هيٺ لڪائڻ بدران ان کي عالمي سفارتڪاري جي مرڪز ۾ رکڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته پائيدار امن صرف جنگ بند ڪرڻ سان نه، پر انصاف، انساني حقن ۽ سياسي حل سان جڙيل آهي.

گڏيل قومن جو مسئلو به هتي اهم ٿي وڃي ٿو. دنيا ۾ جنگيون وڌي رهيون آهن، پر عالمي ادارن جي فيصلاتي قوت تي سوال به وڌي رهيا آهن. سلامتي ڪائونسل ۾ مستقل ميمبرن جي ويٽو واري طاقت ڪيترن ئي معاملن تي گڏيل عالمي ردعمل کي محدود ڪري ٿي، تنهن ڪري سڌارن جو مطالبو نئون ناهي. خود گوتريش هڪ ڀيرو ٻيهر سلامتي ڪائونسل جي اصلاح ۽ عالمي ادارن کي وڌيڪ نمائنده بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي.

پر گڏيل قومن جي ڪمزوري جو مطلب اهو ناهي ته دنيا کي ڪنهن عالمي فورم جي ضرورت ناهي. ان جي ابتڙ، موجوده بحران ثابت ڪن ٿا ته اهڙي فورم جي ضرورت وڌيڪ وڌي وئي آهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ 193 ملڪ شامل آهن ۽ هر ملڪ کي هڪ ووٽ حاصل آهي؛ اهڙي عالمي فورم ۾ ننڍن ۽ وڏن ملڪن کي پنهنجي ڳالهه رکڻ جو موقعو ملي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عالمي ادارن کي وڌيڪ اثرائتو، منصفاڻو ۽ موجوده دنيا جي طاقت جي توازن سان هم آهنگ بڻايو وڃي.

جنگ جو سڀ کان وڏو نقصان ڪنهن صدر، جنرل يا حڪمران کي نه، پر عام شهري کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. گهر اجڙي وڃن ٿا، ٻار اسڪولن کان محروم ٿين ٿا، اسپتالن تي بار وڌي ٿو، روزگار ختم ٿئي ٿو ۽ خوراڪ جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي. جڏهن بک کي به جنگ جي اوزار طور استعمال ڪيو وڃي ته پوءِ جنگ صرف سرحدن جو مسئلو نه رهي ٿي، پر انسانيت خلاف بحران بڻجي وڃي ٿي. گوتريش جو اهو خدشو عالمي برادري لاءِ سنجيده تنبيهه آهي ته طاقت جي سياست ۾ عام انسان کي وسارڻ سان عالمي امن جو بنياد ڪمزور ٿيندو.

اڄ جي دنيا کي اهڙي قيادت جي ضرورت آهي جيڪا فتح کان وڌيڪ امن کي اهميت ڏئي، پابندين کان اڳ سفارتڪاري کي آزمايو، فوجي دٻاءَ کان اڳ ڳالهين جو رستو اختيار ڪري ۽ قومي مفادن سان گڏ انساني مفادن کي به اهميت ڏئي. آمريڪا ۽ ايران جي موجوده ملاقات کي ان ئي وسيع تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. جيڪڏهن ڳالهين جو عمل اڳتي وڌي ٿو ته ان سان نه رڳو ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽجڻ جا امڪان پيدا ٿيندا، پر وچ اوڀر جي ٻين بحرانن تي به سفارتي اثر پئجي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن ڳالهين سان گڏ ڌمڪيون، فوجي دٻاءُ ۽ وڌندڙ مطالبا جاري رهيا ته سفارتي عمل ٻيهر تعطل جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

ان ڪري نيويارڪ جي اها ٽن ڪلاڪن واري ملاقات دنيا لاءِ هڪ اهم پيغام رکي ٿي: جنگ شروع ڪرڻ نسبتاً آسان ٿي سگهي ٿو، پر جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ڳالهين، صبر، سياسي سمجهه ۽ باهمي سمجهوتي جي ضرورت هوندي آهي. عالمي برادري جيڪڏهن واقعي امن چاهي ٿي ته ان کي صرف بيانن تائين محدود رهڻ بدران مستقل سفارتي عمل کي هٿي ڏيڻي پوندي. فلسطين هجي، ايران هجي، يوڪرين هجي يا دنيا جو ڪو ٻيو بحران، آخرڪار انسانيت کي جنگ جي بدران ڳالهين جي ميز تي ئي موٽڻو پوندو.

اڄ دنيا کي وڌيڪ هٿيارن کان وڌيڪ اعتماد، وڌيڪ جنگين کان وڌيڪ ڳالهين ۽ طاقت جي مقابلي کان وڌيڪ گڏيل ذميواري جي ضرورت آهي. گڏيل قومن جي هن سال جي جنرل اسيمبلي جو بنيادي سوال به آخرڪار اهو ئي آهي ته دنيا ورهائيندڙ بحرانن ڏانهن ويندي يا اختلافن جي باوجود گڏجي امن جو رستو ڳولهيندي.

شميم سومرو— سنڌ جي سُرن، لفظن ۽ احساسن جي شاعره

ڪالم نگار: حافظ غلام مجتبيٰ زنگيجو

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ عورتن جي شاعريءَ جو حصو به انتهائي اهم رهيو آهي. سنڌ جي ڌرتيءَ پنهنجي دامن ۾ اهڙيون شاعرائون پيدا ڪيون آهن، جن پنهنجي احساسن، جذبن، محبتن ۽ ڌرتيءَ سان وابستگيءَ کي لفظن جو روپ ڏئي سماج تائين پهچايو آهي. انهن ئي شاعرائن ۾ شميم سومرو جو نالو به پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو جيڪا شاعريءَ کي صرف لفظن جو ميل نه، پر پنهنجي دل جي ڪيفيتن ۽ سنڌ سان محبت جي اظهار جو ذريعو سمجهي ٿي.

شميم سومرو جو تعلق دادو سان آهي. سندس والد جو نالو علي بخش سومرو آهي. سندس جنم 4 اپريل تي دادو ۾ ٿيو. شميم سومرو انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ دادو ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. زندگيءَ جي ڪجهه مجبورين سبب هوءَ پنهنجي تعليم کي وڌيڪ اڳتي وڌائي نه سگهي، پر علم، ادب ۽ شاعريءَ سان سندس وابستگي ڪڏهن به ختم نه ٿي.

ريڊيو کان شاعريءَ تائين

شميم سومرو جي شاعريءَ سان محبت ننڍپڻ کان شروع ٿي. هوءَ ننڍپڻ ۾ وڏي شوق سان ريڊيو ٻڌندي هئي. ريڊيو تان نشر ٿيندڙ گيتن ۽ شاعريءَ سندس اندر موجود ادبي احساسن کي جاڳايو. آهستي آهستي هوءَ گيتن جي رديف ۽ قافيي کي سمجهڻ ۽ ملائڻ لڳي ۽ اهو ئي شوق اڳتي هلي شاعريءَ جي صورت اختيار ڪري ويو.

شميم سومرو پنهنجي شاعريءَ جي سفر ۾ خاص طور استاد بخاري کان متاثر رهي آهي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ موجود ڌرتيءَ سان محبت، عوامي احساس ۽ سادگيءَ شايد شميم سومرو جي شاعراڻي سوچ کي به گهڻو متاثر ڪيو.

اڄ شميم سومرو وٽ شاعريءَ جو وڏو اڻڇپيل ذخيرو موجود آهي. سندس چوڻ موجب تقريباً ٻن ڪتابن کان وڌيڪ مواد اڃا تائين ڇپجڻ جو منتظر آهي. افسوس جو سندس شاعريءَ جو اڃا تائين ڪو مڪمل ڪتاب ڇپجي منظرعام تي نه اچي سگهيو آهي.

شاعريءَ جا مختلف رنگ

شميم سومرو شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ غزل، نظم، وائي ۽ بيت شامل آهن. غزل، نظم ۽ وائي ٽنهي صنفن ۾ سندس خاص دلچسپي رهي آهي.

سندس شاعريءَ جا موضوع به مختلف آهن. سنڌ جي ڌرتيءَ سان محبت، ماروئڙن جا ڏک، سماج ۾ ٿيندڙ اڻ وڻندڙ واقعا ۽ انساني احساس سندس شاعريءَ جا اهم موضوع رهيا آهن.

قومي جذبي سان سرشار سندس هڪ گيت جا لفظ آهن:

"سنڌڙي شال ڏسين سُک، امان
لئہ گيت پيو آنءُ لکان."

هي گيت سنڌ سان شاعرانہ محبت جو خوبصورت اظهار آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪيتن، ٻيٽن، مٽيءَ ۽ ماروئڙن سان محبت جو احساس نمايان نظر اچي ٿو.

لفظ جڏهن سُر بڻجي وڃن ٿا

شميم سومرو جي شاعريءَ کي ڪيترن ئي فنڪارن پنهنجي آواز سان ڳايو آهي. انهن ۾ فقير سليمان سبزوئي، پپو گل سرمند، اياز عبدالجبار پرڙو ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن.

سندس شاعريءَ مان هڪ غزل جا هي شعر به سندس شاعراڻي انداز جو چٽو مثال آهن:

ناز پرور جا ناز مون کي وٽيا،
جرڪيو انداز مون کي وٽيا.
عاجزي آهي پيار جي پنڌ ۾،
جا ايلاز مون کي وٽيا.
ڪوڙ جو ٿيو آهين مخالف، سڄڻ،
جي اعتراض مون کي وٽيا.
مارئي مارن لاءِ رني ۽ لڇي،
جا سيئي ساز مون کي وٽيا.

کي سڪ سان جنهن سڏيو
عجيب جا آواز مون کي وٽيا.

سندس چوڻ موجب سرمد اياز پڻ سندس شاعري ڳائي آهي، جيڪا ريڊيو تان نشر ٿي چڪي آهي. اهڙيءَ ريت سندس لفظ ڪاغذ کان نڪري سُرن جي صورت ۾ ماڻهن تائين به پهتا آهن.

ڇپيل لفظن کان اڻڇپيل خزاني تائين

شميم سومرو جي شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي. روزاني عبرت، ميگزين، رسالو هزار داستان ۽ ٻين ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري شايع ٿي آهي. تنهن هوندي به سندس سموري شاعري اڃا تائين ڪتابي صورت اختيار نه ڪري سگهي آهي.

سندس چوڻ آهي ته سندس سموري شاعري کيس پنهنجي اولاد وانگر پياري آهي، تنهنڪري جڏهن ڪانئس چار پسنديده گيت چونڊڻ لاءِ پڇيو ويو ته هوءَ چوي ٿي ته پنهنجي شاعريءَ مان چونڊ ڪرڻ سندس لاءِ ڏکيو آهي.

هي ڳالهه شاعر جي پنهنجي تخليق سان تعلق ۽ محبت کي ظاهر ڪري ٿي.

ايوارڊن کان وڌيڪ شاعريءَ جو سفر

شميم سومرو کي ريڊيو ۽ ٻين ادارن طرفان ڪيترائي اعزازي سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ ملي چڪا آهن، پر سندس چوڻ موجب کيس ڪنهن خاص وڏي شخصيت جي هٿان ڪو ايوارڊ حاصل نه ٿيو آهي. تنهن هوندي به شاعر لاءِ اصل مڃتا سندس لفظن جو ماڻهن جي دلين تائين پهچڻ آهي.

شميم سومرو جي شاعريءَ جو سفر اڃا تائين ڪتاب جي صورت ۾ مڪمل منزل تائين نه پهتو آهي، پر سندس وٽ موجود اڻڇپيل مواد سندس ادبي سفر جو هڪ اهم سرمايو آهي.

پسند جا شاعر ۽ اديب

شميم سومرو کي پسند ايندڙ شاعرن ۾ استاد بخاري، علي گل رند ۽ راشد مورائي شامل آهن. جڏهن ته پسنديده اديبن ۾ استاد بخاري، مهتاب اڪبر راشدي، شبنم گل ۽ نورالهديٰ شاهه جا نالا شامل آهن.

سندس پسنديده فنڪارن ۾ ڦوٽو خان زرداري، مصري فقير، سرمد سنڌي، انور حسين وسطڙو ۽ محمد يوسف شامل آهن.

سندس پسنديده شخصيت طور بشير خان قريشي جو نالو سامهون اچي ٿو.

ريڊيو، اخبار ۽ شاعري

شميم سومرو جي زندگيءَ ۾ ريڊيو سان محبت اڄ به برقرار آهي. هوءَ ريڊيو وڏي شوق سان ٻڌندي آهي ۽ اخبار پڙهڻ به سندس پسنديده مشغلن مان هڪ آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو ريڊيو سان سندس ننڍپڻ واري وابستگي اڄ به سندس شاعريءَ جي دنيا سان هڪ خوبصورت رشتو قائم رکندي اچي ٿي.

زندگيءَ ۾ هر ماڻهوءَ جون ڪجهه خواهشون اڌوريون رهجي وينديون آهن. شميم سومرو جي به هڪ اهڙي خواهش آهي ته هوءَ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري سگهي ها، پر ڪجهه مجبورين سبب اها خواهش پوري نه ٿي سگهي.

سادگيءَ ۾ لڪل شخصيت

شميم سومرو جي پسندين ۾ به سندس سادگي ۽ سنڌي ثقافت سان وابستگيءَ جا رنگ نظر اچن ٿا. کيس ڪارو ۽ بلو رنگ پسند آهن. موتئي جو گل وڻندو اٿس. کاڌن ۾ پلو برياني ۽ پلي چانورن جي ماني پسند ڪري ٿي، جڏهن ته پسنديده سواري ڪار ۽ پسنديده مشروب چانهه آهي.

هي ننڍيون ننڍيون پسندون به ڪنهن شخص جي اندروني دنيا کي سمجهڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

شاعريءَ ۾ شاگرد نہ، پر پنهنجو رستو

شميم سومرو جو چوڻ آهي ته شاعريءَ ۾ سندس ڪو شاگرد ناهي. هن پنهنجي شاعريءَ جو سفر پنهنجي مطالعي، مشاهدي، ريڊيو ٻڌڻ ۽ وڏن شاعرن کان متاثر ٿيڻ سان جاري رکيو. سندس لاءِ شاعري ڪنهن استاد کان سبق وٺڻ کان وڌيڪ دل جي ڳالهه آهي، جيڪا وقت، حالتن ۽ احساسن سان گڏ لفظن جو روپ اختيار ڪندي رهي ٿي.

اڄ جڏهن سنڌي ادب ۾ عورتن جي ادبي ڪردار تي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته شميم سومرو جهڙين شاعرائن جي تخليقي سفر کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ سان محبت، ماروئڙن جو درد، انساني احساس ۽ ذاتي ڪيفيتون گڏجي هڪ اهڙي دنيا ناهين ٿيون، جيڪا پڙهندڙ کي شاعر جي اندر جي آواز سان ڳنڍي ٿي.

سومرو جي شاعريءَ جو وڏو حصو اڃا ڪتابي صورت ۾ محفوظ نہ ٿيو آهي. اميد آهي ته مستقبل ۾ سندس اڻڇپيل شاعري ڪتابي صورت ۾ منظرعام تي ايندي ۽ سنڌي ادب جي پڙهندڙن کي سندس تخليقي دنيا کي وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو ملندو.

شميم سومرو لاءِ شاعري صرف لفظن جو سلسلو ناهي؛ اها سندس ننڍپڻ کان گڏ هلندڙ هڪ اهڙي ساٿي آهي، جيڪا ريڊيو جي سُرن کان شروع ٿي، رديف ۽ قافيي جي رستن تان گذرندي، اڄ سنڌ جي ڌرتيءَ، ماروئڙن ۽ انساني احساسن تائين پهتي آهي.

نظرياتي جنون ۽ اسان جو نوجوان نسل

وزير علي سرڪي

تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي امن امان، نظم ۽ ضبط توڙي قوت برداشت جي تعليم ۽ تربيت ڏني ويندي آهي. پر ڪجهه طالب علم انهن ڳالهين تي عمل ڪندا آهن باقي گهڻا شاگرد ٽرڙي عشق، ٻاراڻي سياست ۽ فتني فساد سبب اصل مثبت مقصد ماڻي ناهن سگهندا. تازين خبرن مطابق سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي اڳيان ٻن شاگرد ڌرين وچ ۾ جهيڙي جي ڪري تماشبين شاگردن جو هجوم گڏ ٿي ويو. انتظاميا ۽ سڪيورٽي عملي صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ مداخلت ڪئي ته به شاگردن پاڻ ۾ سخت لفظن جي ڏي وٺ ۽ نعريبازي ڪئي. تڪرار جو الائي جي کهڙو ڪارڻ هو جنهن بعد منهن ماري پڻ ٿي. يونيورسٽي انتظاميا شاگردن خلاف ڪارروائي يا واقعي جي سببن بابت تفصيلي موقف ناهي ڏنو. شاگردن چيو ته انتظاميا هن ناخوشگوار واقعي جو شفاف جائزو وٺي سيڪيورٽي بندوبست وڌيڪ اثرائتا ۽ سخت ترين بڻائي.

اهڙا واقعا ٻڌي چوٽو ٿو پوي ته يا استادن جي اڻپوري علم جو اثر ۽ عدم دلچسپي سبب ماحول ٺيڪ ناهي رهيو يا ڪي شاگرد پاڻ کي معتبر سمجهن ٿا. مون گهڻا سال پهريان ٽنڊو جان محمد ڪاليج اندر بطور استاد پنهنجي ايام ڪاري دوران پروفيسرن ۽ پڙهندڙ چوڪرن درميان پڻ اهڙي تماشي جو مشاهدو ڪيو هو. اوباش شاگردن هوائي فائرنگ ڪندي اس تي ڪرسيون رکرائي ويٺل چانهه جي ڪپ تي ڪچهري ڪندڙ استادن تي هلان ڪري انهن مٿان پٿر ۽ سروٽا ڦٽي ڪيا. ڪجهه استاد زخمي ٿيا ۽ مون سميت ڪيترن ورانڊن، ڪلاسن ۽ لائبريري ۾ لڪي جان بچائي. پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح تي سنگدل استاد ٻارن کي ڪتي نوڙ ڪري تشدد ڪندا آهن. تازو انڊيا جي هڪ اسڪول ۾ ماسترياڻي ڇهن سالن جي ٻار کي چماٽ هڻين نتيجي ۾ ٻار فوت ٿي ويو. تعليمي ادارن ۾ جسماني ۽ ذهني تشدد تي مڪمل پابندي هجڻ گهرجي. پرهتي ته قصو ئي ابتو هو. ڪيترن ئي ڪاليجن ۾ اسٽاف روم اندر پروفيسرن بدمعاشن وانگر پاڻ ۾ وڙهي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن.

سنڌ يونيورسٽي جي دادو ڪيمپس ۾ پرو وائيس چانسلر اظهر شاهه ۽ پروفيسرن جي ويڙهاند ٽائيم نيوز چينل تي اوهان پاڻ ڏٺي هوندي. ڇا تعليمي ادارن جا سربراهه ڏينهن ڏٺي جو پي ڪري ادارن جو انتظام هلائي سگهن ٿا!؟ جڏهن ته مثالي تعليمي ادارو اهو آهي جنهن جا شاگرد به جهيڙي جهتي کان پاسيرو رهن.

ان سلسلي ۾ ته اتر سنڌ جا تعليمي ادارا خاص طور جيڪب آباد شهر ۽ ضلعي جا ٻيا ڪاليج ته آئيڊيل آهن. انهن جو چانهه پاڻي تيستائين هضم ئي ناهي ٿيندو جيستائين استاد ۽ شاگرد پاڻ ۾ ۽ هڪ ٻي سان وڙهي عادت پوري نه ڪن. هفتي ۾ هڪ به ڏينهن سياڳا هجن ٿا جن ۾ ٿورو گهڻو امن رهي ٿو. خبر پئي ته ڪافي عرصو اڳ جيڪب آباد ڪاليج جو آڊيٽوريم هال تتل تندور بڻجي ويو هو. چانڊڪا لاڙڪاڻي جساف جا شاگرد ڏکي وقت ۾ جيڪب آباد واري سنگت جو ساٿ ڏيندي جيڪب آباد ڪاليج ۾ سپاف جي هڪ تقريب دوران اوچتو تابڙ توڙ حملو ڪيو هو. ان کان اڳ سپاف جساف وارن تي چڙهائي ڪئي هئي. هڪڙي ئي سنڌ سياڳي ڌرتي تي وطن واسين جي خون ريز رساڪشي تي اسان کي ته شرم ٿو اچي پر انهن کي پشيماني نه ٿي هئي. انهن شاهه لطيف جي هن شعر تي ابتو عمل ڪيو هو.

سورهه مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڍال م ڍار،
مٿان تيغ تراز، مار تہ متارو ٿيين

جڏهن ته انهن کي شاهه ڀٽائي جي هن بيت تي عمل ڪرڻ کپي.

هو چوڻئي تون م چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪين

هڪ افسوس ناڪ ڳالهه به پڻ ٿي ته بي ايس سو ۽ سپاف جي چوڪرن جساف جي شاگردن جي امتحان حال ۾ وڃڻ وقت رنڊڪون وڌيون. سندن ڪاپيون ڦاڙيون ۽ امتحان هال مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. جڏهن پنهنجا ئي هڪ ٻي کي علم پرائڻ نہ ٿا ڏين تہ پوءِ ڌارين کي ڇا ميار ڏجي.

ڌريان ئي ڌاريان، مٽ مٽي جا نہ ٿيا

جساف جي شاگردن وري انهن کي ڌمڪي ڏني ته اهي ڪين چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي امتحانن ۾ ويهڻ نہ ڏيندا.

ادارن جا آفيسر ۽ استاد پڻ سندن ناهه ڪرائڻ ۾ بيوس ۽ لاچار ٿي لڳا. نتيجي ۾ جيڪا ذهني اذيت شاگردن جي والدين کي ٿي سان انهن ئي محسوس ڪئي هوندي. جتي ٻاهه لڳي اها جاءِ سڙي. کهڙو سيڪ اچي پاڙي وارن کي.

پوليس جا تہ وارا نيارا ٿيا هئا. ڏوهي شاگردن جي عيوضي طور سندن وارثن کي لاڪ اپ ڪيو هو ۽ ڪانئن خرچيون وٺي ڇڏيو هئائون. چانڊڪا تہ جساف وارن جي اسٽيٽ هئي سو پوليس ان کي ممنوعا علائقو (نو گوارا) سمجهي هڪڙي نوجوان جي صحافي والد کي متبادل طور لاڪ اپ ڪيو هو ۽ اهو تڏهن آزاد ٿيو جڏهن سندس گهر جون پرديدار عورتون سول آفيسرن مان آسرو لاهي مارشل لا اختياري وارن جا دروازا ڪڙڪايا. حد تہ اها هئي جو ڪي شاگرد ڏاڙيلن وانگر ڪارتوسن جا ڪنٺا ڪلهن ۾ وجهي مادر علمين ۾ سينو تاڻي گهمندا هئا ۽ سندن وار بہ ونگو ڪوئي نہ ڪري سگهندو هو. جڏهن تہ انهن کي تعليم جو زيور دل ۽ دماغ جي دريچن ۾ پائڻ کپندو هو ۽ وڏائي منجهان ايئن نہ چوڻ گهربو هو تہ مردن جو زيور ميزائل هوندا آهن. انهن کي استادن جو ادب ڪرڻ ۽ متحد رهڻ گهرجي جيئن شاهه ڀٽائي اسان کي پيغام ڏنو آهي تہ.

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڙهنئا ميٺ گهڻو

ڪين ڪپي تہ سک ۽ شانتي سان رهن ۽ مولا جٽ ۽ نوري نٽ يعني سلطان راهي ۽ مصطفي قريشي نہ ٿين.

نظرياتي جنون ۽ اصولن ۾ انتهاپسندي اسان جو نئون نسل اختيار نہ ڪري ۽ بجائي ان جي پنهنجي پوائنٽ بسن تي چڙهي سنڌ همسفر ساٿين جيان يونيورسٽي يا ڪاليج اچن. ڏسو هروڀرو سڀئي منفي ذهن وارا ٻار بہ ناهن. اسان کي مثبت سوچ رکندڙ شاگرد بہ ملندا. ان معاملي تي تازو اخبارن ۾ هڪ نيوز ۽ مخدوم بلاول نالي هڪ نوجوان جو ڪالم ڇپيو آهي تہ ڪنڊرا اسٽوڊنٽ ڪائونسل طرفان شهر جي مسئلن جي حل لاءِ هفتو ڪن بنيادي حقن ۽ بهتر مستقبل لاءِ تحريڪ هلائي وئي. حيف هجي شهر جي عوام کي جن شاگردن سان ساٿ ڏيڻ بدران ٽوڪ ظني ڪئي تہ سندن مطالبا ذاتي آهن. جيئن ڏي يعني نوجوان آخرڪار ڪاڏي وڃن. هلچل هلائن ٿا تہ اعتراض. نتا هلائن تہ بہ شڪايت. عوام کي شاگردن سان گڏ ويهي ڪين ٻڌڻو پوندو تہ نيٺ ڇا چاهين ٿا. جيڪي ذاتي سوالن کان اڳ شهري مسئلن لاءِ اٿندا آهن. تاريخ اهي ئي آواز ياد رکندي آهي. تنهن ڪري سمورن شاگردن کي فتني فساد جي فضوليات ۾ وقت وڃائڻ بدران مستقبل سوارڻ خاطر هر وقت تعليم سان گڏ هفتو بہ تہ پر مهينن جا مهينا جدوجهد ڪرڻ گهرجي چو جو ڪنهن مثبت تحريڪ جي مند يا مدت مقرر ناهي هوندي.

wazirsarki03322852328@gmail.com

بقايا 01 ***

س تي جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غذائيت، ويڪسينيشن، ڊجيٽل نظام ۽ مالي شموليت جي شعبن ۾ سهڪار لاءِ گيٽس فائونڊيشن جي ڪردار کي ساراهيو. پي ايم او موجب، "وزيراعظم گيٽس فائونڊيشن کي پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ هڪ قابل اعتماد ساٿي هجڻ تي ساراهيو ۽ عوامي صحت، زراعت، ڊجيٽل جدت ۽ مصنوعي ذهانت سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي." پي ايم او موجب، وزيراعظم شهباز ۽ بل گيٽس "بهتر پيداوار، موسمي لچڪ ۽ زراعت ۾ ايندڙ جديد ٽيڪنالاجين جي ترقي ۾ سهڪار جا موقعا" [illegible] تي اتفاق ڪيو ۽ ٻنهي "پاڪستان جي عوام لاءِ پائيدار ترقي، ٽيڪنالاجي جي واڌ ويجهه ۽ سماجي شعبن ۾ بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ پائيداري جي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع ڪرڻ" جو عزم ڪيو. وزيراعظم شهباز شريف مائڪروسافٽ جي گڏيل باني بل گيٽس کي پاڪستان جي دوري جي دعوت پڻ ڏني. پاڪستان افغانستان سان گڏ دنيا جي انهن آخري ٻن ملڪن مان هڪ آهي، جتي پوليو اڃا تائين وبائي صورت ۾ موجود آهي.

بقايا 02 ***

ٿي وئي آهي. ڳالهين ۾ ڪاميابي جي صورت ۾ پاڪستان کي 1.2 ارب ڊالر ملڻ جو امڪان آهي. وڌايل فنڊ سهولت پروگرام (اي ايف ايف) تحت معاشي جائزي لاءِ آءِ ايم ايف جو وفد پاڪستان پهچي ويو آهي. قرض پروگرام جي پنجين قسط لاءِ ڳالهيون هڪ هفتي تائين جاري رهنديون ۽ ڪاميابي جي صورت ۾ پاڪستان کي 1.2 ارب ڊالر تائين ملڻ جو امڪان آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب، آءِ ايم ايف مشن اسٽيٽ بئنڪ جي اختيارين سان ڳالهين جي شروعات ڪندي پهرين مرحلي ۾ اسٽيٽ بئنڪ جي اختيارين سان فني ڳالهيون ٿينديون، جن ۾ جاري کاتي جي خساري، بنيادي وياج جي شرح ۽ مٽاسٽا جي شرح تي غور ڪيو ويندو جڏهن ته اسٽيٽ بئنڪ جا اختيارين آءِ ايم ايف وفد کي معاشي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏيندا. ذريعن موجب پاڪستان پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن کي 17 ارب ڊالر کان وڌيڪ رکڻ جو هدف حاصل ڪري ورتو آهي. آءِ ايم ايف وفد کي پرڏيهي سڌي سيڙپڪاري ۾ واڌ بابت پڻ آگاهه ڪيو ويندو. عالمي ماليات اداري جي مشن کي يورو بانڊ جي ڪامياب اجرا ۽ ٻاهرين ذريعن کان حاصل ٿيندڙ رقمن بابت پڻ بريفنگ ڏني ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف وفد اسٽيٽ بئنڪ کان علاوه 25 سيپٽمبر تي اسلام آباد روانو ٿيندو، جتي ناڻي واري وزارت، نجڪاري، توانائي ۽ ايف بي آر سان ڳالهيون ڪيون وينديون. قرض پروگرام جي پنجين قسط لاءِ ڳالهيون هفتن تائين جاري رهنديون. جڏهن ته عالمي ماليات اداري جي مشن کي جون تائين جي معاشي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني ويندي، آءِ ايم ايف سان جوڙجڪ وارين شرطن تحت مقرر هدفن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿيندي. جڏهن ته پاڪستان معاشي سڌارن جي هدفن بابت عالمي ماليات اداري سان ڳالهين ڪندو. ڳالهين دوران ٽئڪس جي شعبي ۾ سڌارن سان گڏ بجلي ۽ گئس جي شعبن جي گردشي قرض بابت هدفن تي پڻ غور ڪيو ويندو. ذريعن موجب، ڳالهيون ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ پاڪستان کي مجموعي طور 1.2 ارب ڊالر تائين ملڻ جو امڪان آهي، جنهن ۾ آءِ ايم ايف جي اي ايف ايف تحت لڳ ڀڳ هڪ ارب ڊالر ملڻ جي اميد آهي. آر ايس ايف موسمياتي تبديلين جي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي وڌيڪ 20 ڪروڙ ڊالر ملڻ جو به امڪان آهي.

بقايا 03

ميڊيا تي ڪوڙ ۽ شعبدي بازي تي ٻڌل آهي، جڏهن ته پاڪستان مسلم ليگ (ن) ترقي تي يقين رکي ٿي. هن دعويٰ ڪئي ته پي ٽي آءِ جي حڪومت خيبرپختونخوا کي تباهي ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڏنو. سندس چوڻ هو ته صوبي ۾ دانش اسڪول قائم ڪيا پيا وڃن ۽ جيڪڏهن خيبرپختونخوا جي عوام پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي حڪومت جو موقعو ڏنو ته پارٽي صوبي کي تيز رفتار ترقي جي راهه تي آڻڻ لاءِ ڪم ڪندي. پشاور جي يونيورسٽي ٽائون ۾ صوبائي اسيمبلي جي ميمبر جلال خان جي آفيس جي افتتاح جي موقعي تي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي عطا تارڙ وڌيڪ چيو ته [illegible] وفاقي حڪومت ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت قائم ٿي، جڏهن ته وزيراعظم محمد نواز شريف ترقياتي منصوبا مڪمل ڪري خيبرپختونخوا جي ترقي کي اهميت ڏني. جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي شاندار ۽ شاهي سان ڪيو آهي. هن چيو ته ٽيڪنالاجي ۽ تعليمي قدمن جو ذڪر ڪندي عطا تارڙ چيو ته خيبرپختونخوا ۾ دانش اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. هن چيو ته صوبي جي عوام مسلم ليگ (ن) جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبلي جا بهترين ميمبر چونڊيا آهن ۽ صوبي جي خدمت ۾ سندن ڪردار کي ساراهيو. هن پي ٽي آءِ تي تنقيد ڪندي چيو ته تحريڪ انصاف جي سياست سوشل ميڊيا تي ڪوڙ ۽ شعبدي بازي تي ٻڌل آهي. هن الزام لڳايو ته پي ٽي آءِ حڪومت خيبرپختونخوا کي تباهي ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڏنو. جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ ڏنو سندس چوڻ هو ته خيبرپختونخوا حڪومت اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ چاهي ٿي. جڏهن ته پنهنجي صوبي ۾ مسئلا موجود آهن ۽ انهن لاهور پهچي وڃي آهي. هن صوبائي حڪومت تي زور ڏنو ته انهن جي صورتحال تي ڌيان ڏئي. مسلم ليگ (ن) عملي قدمن تي يقين رکي ٿي، جڏهن ته سنڌس چوڻ آهي ته مسلم ليگ (ن) کي اڳتي وڌڻ جو حق آهي. هن چيو ته مسلم ليگ (ن) مشڪل حالتن ۾ ڪڏهن به مقابلو ڪيو آهي ۽ چئلينجن کي منهن ڏيندي ملڪ کي بحرانن مان ڪڍڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. هن پي ٽي آءِ تي بار بار موقف تبديل ڪرڻ جو الزام لڳائيندي چيو ته پارٽي وڏيون دعوائون ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي موقف تان پوئتي هٽي وڃي ٿي ۽ ڏکين حالتن ۾ عوام کي اڪيلو ڇڏي ڏئي ٿي. عطا تارڙ چيو ته اهڙي اينڊرائيڊ جڏهن خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جو نالو ۽ نشان به باقي نه رهندو. هن دعويٰ ڪئي ته صوبي جي عوام مسلم ليگ (ن) سان اميدون وابسته ڪري رکيون آهن، ڇاڪاڻ ته سندس نظر ۾ اها جماعت ملڪ کي موجوده چئلينجن مان ڪڍي سگهي ٿي.

ڪيڻ ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري سگهي ٿي.

بقايا 04 ***

ورتو ۽ ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻي کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي. جوابدارن جي فوري گرفتاري لاءِ سڀني موجود وسيلا استعمال ڪرڻ جون هدايتون. واقعي ۾ ملوث شڪي ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ اثرائتي جاچ ۽ انٽيليجنس قدم کنيا وڃن. آءِ جي سنڌ علائقي ۾ گولا، ناڪي بندي ۽ نگراني جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي ۽ جوابدارن کي جلد کان جلد انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. جاويد عالم اوڍو ڪنهن به حالت ۾ امن امان کي خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. واقعي ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو.

بقايا 05 ***

شريڪ ٿيا. صحت واري وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال هدايت ڪئي ته مريضن، طبي عملي ۽ عوام جي حفاظت لاءِ ضروري سڌارا ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ قومي صحت جي ادارن ۾ باهه کان بچاءَ جي انتظام ۽ بنيادي ڍانچي جي جامع سڌارن جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي وزارت جي نگراني هيٺ سمورن اسپتالن، بنيادي صحت مرڪزن ۽ ٻهراڙي وارن صحت مرڪزن جي فني ۽ بنيادي ڍانچي جو جامع جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو. وفاقي وزير چيو ته صحت جي ادارن جي بنيادي ڍانچي جي تفصيلي جائزي لاءِ ماهر صلاحڪار ادارن جون خدمتون حاصل ڪيون پيون وڃن. صلاحڪار ادارو صحت مرڪزن ۾ باهه کان بچاءَ جي انتظام، بجلي جي نظام، گرمائش، هوا جي رخ ۽ ٿڌڪ واري نظام سميت طبي گئس جي نظام جو جائزو وٺندو. ان ڪانسواءِ صحت جي ادارن ۾ موجود حياتياتي طبي اوزارن ۽ طبي ڪچري جي مناسب نموني نيڪال ڪرڻ واري نظام جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويندو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته بنيادي ڍانچي جي جامع جائزي جي بنياد تي ضروري سڌارن جو عملي منصوبو تيار ڪيو ويندو، جيئن صحت جي ادارن ۾ حفاظتي انتظامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ اسپتالن بابت گڏيل ڪارڪردگي جنرل ڪنٽرول، صحت، انتظامي معاملن بابت گڏيل سيڪريٽري ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا. وفاقي وزير چيو ته صحت جي ادارن ۾ حفاظتي قدم بهتر بڻائي مستقبل ۾ حادثن جي روڪٿام کي يقيني بڻايو ويندو. هن زور ڏنو ته صحت مرڪزن جي بنيادي ڍانچي ۽ حفاظتي نظام ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪري انهن کي بروقت ختم ڪيو وڃي.

بقايا 06 ***

ٻڌايو ته وفاقي وزير طلال چوڌري ٻڌايو ته اسلام آباد جي 147 پيٽرول پمپن تي رليف اسڪيم جي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي، جنهن مان رڳو هڪ هفتي دوران هڪ لک 50 هزار موٽرسائيڪل سوار ۽ رڪشا ڊرائيور فائدو وٺي چڪا آهن. هن چيو ته ڪمزور طبقن جي سهولت لاءِ لاڳاپيل پيٽرول پمپن تي سهولت مرڪز قائم ڪيا ويا آهن، جيئن ڪنهن کي به ڏکيائي جي منهن نه ڏيڻو پوي. دوري دوران اسلام آباد جو ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻيا انتظامي آفيسر ساڻس گڏ هئا.

بقايا 07 ***

ٽيڪس ادا ڪيو وڃي. حڪومت کي پنهنجي شاهي خرچين ۾ گهٽتائي ڪرڻي پوندي. هن چيو ته 11 ارب روپين جو نئون جهاز خريد ڪيو ويو آهي ته پراڻو جهاز ڪٿي آهي، جيڪڏهن پراڻو جهاز صحيح آهي ته نئون جهاز ڇو خريد ڪيو ويو؟ اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي جي اها وڏي ڪاميابي آهي ته اڄ عوام کي ليوي جي خبر پئجي وئي آهي. حڪومت سان ڳالهين جا جيڪي 6 دور ٿيا انهي ۾ ليوي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وئي. [illegible] هن چيو ته آءِ ايم ايف پروگرام ۾ ليوي لاڳو ڪرڻ جي ڪابه شرط ناهي، عالمي مالياتي اداري وڌيڪ ٽيڪس جمع ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. آءِ ايف بي آر ۾ 1300 ارب روپين جي ڪرپشن ٿي آهي، [illegible] جماعت اسلامي جي امير دعويٰ ڪئي ته هڪ سيڪريٽري آءِ ايم ايف معاهدي ۾ ليوي جي شرط نه هجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ته انهي تي خاموش ڪرايو ويو. حڪومتي موقف آهي ته وياج جي شرح گهٽ ٿيڻ سان مهانگائي وڌندي، غلط آهي، وياج جي شرح گهٽ ٿيڻ سان مهانگائي ۾ گهٽتائي ايندي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته آءِ پي پيز [illegible] نيون گاڏيون خريد ڪيون پيون وڃن. نيون گاڏيون سمجهه سان [illegible]. هن چيو ته وزيراعظم مون سان رابطو ڪري لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو چيو. حافظ نعيم واضح ڪيو ته لانگ مارچ نه ملتوي ڪئي آهي، نه ختم، صرف وقفو ڪيو آهي. جماعت اسلامي جي امير واضح ڪيو ته ڌرڻو ۽ احتجاج جاري آهن. حڪومت جيڪڏهن ليوي پيڪيج ڏئي ته احتجاج ختم ڪنداسين. [illegible] آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ لانگ مارچ [illegible] ٻيهر شروع ڪنداسين جتان ان کي روڪيو ويو آهي.

بقايا 08 ***

ٽان جي باني محمد علي جناح جون تصويرون لڳائڻ ۽ پوءِ هڪ اڳوڻي شاگرد طرفان انهن تصويرن ڦاڙڻ واري واقعي جي جاچ جو اعلان ڪيو آهي. تصويرون ڦاڙڻ جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کانپوءِ هي معاملو يونيورسٽي جي آرڪائيو تائين محدود نه رهيو، هن بنگلاديش ۾ محمد علي جناح جي ورثي، پاڪستان ۽ 1971ع جي تاريخ بابت جاري بحث جو حصو بڻجي ويو آهي. سوشل ميڊيا تي وائرل ويڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته هڪ شخص تصويري گئلري مان محمد علي جناح جي تصوير لاهي فريم مان ڪڍي ڦاڙي رهيو آهي. ان شخص جي سڃاڻپ ابو طيب طور ٿي، جيڪو ڍاڪا يونيورسٽي جو اڳوڻو شاگرد آهي. بنگلاديش جي انگريزي اخبار "دي ڊيلي اسٽار" موجب، گئلري 13 سيپٽمبر تي ٻيهر کولي وئي هئي، جڏهن ته هي واقعو 14 سيپٽمبر تي پيش آيو. گئلري ۾ بنگلاديش جي تاريخ، قيام، پارٽ جي ورهاڱي جي اهم واقعن ۽ شاگرد تحريڪن بابت تصويرون لڳايون ويون آهن. يونيورسٽي جي شاگرد يونين جو دعويٰ آهي ته شيخ حسينا جي دور ۾ هن گئلري کي عوامي ليگ جي بيانئي کي هٿي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو تنهن ڪري ان ۾ تبديليون ڪري تاريخ کي درست انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. "هو اسان جو باباءِ قوم نه هو" پرڏيهي خبرو اداري "اي ايف پي" سان ڳالهائيندي ابو طيب پنهنجي عمل جو دفاع ڪندي چيو ته محمد علي جناح "اسان جو نه، پر پاڪستان جا باباءِ قوم آهي."

بقايا 09 ***

فاقي گهرو وزارت کي خط لکي ڇڏيو آهي. پنجاب حڪومت جي خط جي متن موجب، رينجرز جي مقرري امن امان جي امڪاني صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڪئي وئي آهي. پنجاب گهرو کاتي جي ترجمان چيو آهي ته صوبائي پوليس جي درخواست تي سيڪيورٽي ۾ مدد لاءِ رينجرز مقرر ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي. ترجمان موجب، راولپنڊي ۾ رينجرز جون 3 ڪمپنيون، اٽڪ ۾ 5 ونگز، جڏهن ته جهلم ۽ ميانوالي ۾ هڪ، هڪ ڪمپني مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي. گهرو کاتي موجب، چنيوٽ ضلعن ۾ رينجرز جا دستا 5 آڪٽوبر 2026ع تائين مقرر رهندا. ترجمان ٻڌايو ته رينجرز جي مقرري جي منظوري ڪابينا جي امن بابت ڪميٽي جي 59هين اجلاس ۾ ڏني وئي هئي. بيان موجب، رينجرز جي مقرري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 245، دهشتگردي ٽوڙ ايڪٽ 1997ع ۽ پاڪستان رينجرز آرڊيننس 1959ع جي لاڳاپيل شقن تحت ڪئي ويندي. پنجاب گهرو کاتي موجب، عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا 10 ***

وهاڻ ۾ مسجد تي آپگهاتي دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي حملي جي ذميوارن، منصوبا ٺاهيندڙن، مالي سهائتا ڪندڙن ۽ سهولتڪارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ تي زور ڏنو آهي. ميڊيا رپورٽ موجب سلامتي ڪائونسل جي صدر ۽ فرانس جي نمائندي جيروم بونافون طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته 18 سيپٽمبر 2026ع تي ڪوهاٽ ۾ مسجد تي ٿيل آپگهاتي حملو انتهائي سنگين ۽ بزدلاڻو دهشتگرد واقعو هو. بيان موجب حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 24 پاڪستاني شهيد ٿيا، جن ۾ 7 عام شهري ۽ 17 قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار شامل هئا، جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ 88 ڄڻا زخمي ٿيا. دهشتگرد گروهه، جنهن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان سان لاڳاپيل عنصر پڻ شامل هئا، سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن حملي ۾ مارجي ويلن جي وارثن، پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستاني عوام سان گهري همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو جڏهن ته زخمين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. سلامتي ڪائونسل ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته دهشتگردي پنهنجي سمورين شڪلين ۽ صورتن ۾ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ سنگين خطرن مان هڪ آهي. ميمبرن زور ڏنو ته امن جي مذمت جوڳي دهشتگرد ڪارروائي ڪندڙن، منصوبا ٺاهيندڙن، مالي سهائتا ڪندڙن ۽ سرپرستن کي جوابده بڻايو وڃي ۽ کين انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. سلامتي ڪائونسل سڀني ملڪن تي زور ڏنو ته عالمي قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهراءَ تحت هن معاملي ۾ پاڪستان حڪومت سان ڀرپور سهڪار ڪن. بيان ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪيو ويو ته دهشتگردي جي هر ڪارروائي ڏوهاري ۽ ناقابل جواز آهي، ان جو مقصد يا محرڪ جيڪو به هجي، اها ڪٿي به، ڪنهن به وقت ۽ ڪنهن به طرفان ڪئي وڃي. سلامتي ڪائونسل سڀني رياستن تي زور ڏنو ته گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي قانون، جنهن ۾ انساني حقن، پناهگيرن ۽ عالمي انساني قانون تحت ذميواريون شامل آهن، تحت دهشتگرد ڪارروائين مان پيدا ٿيندڙ عالمي امن ۽ سلامتي جي خطرن جو هر ممڪن طريقي سان مقابلو ڪن.

بقايا 11 ***

موجب، تهران کان روانو ٿيل ماهان ايئر جي هڪ اڏام ڏکڻ چين ۾ لينڊ ڪئي آهي. رپورٽ موجب، ماهان ايئر جي اڏام 093 مقامي وقت موجب اربع ڏينهن شام 4 لڳي 39 منٽن تي چين جي شهر گوانگزو ۾ لٿي. گوانگزو بائي يون ايئرپورٽ جي سرڪاري ويب سائيٽ تي ان اڏام جي لينڊنگ جا تفصيل موجود نه هئا، جڏهن ته ماهان ايئر جي معلومات ۾ گوانگزو ۾ لينڊنگ پڻ ظاهر ڪئي وئي. رپورٽ موجب ان کان اڳ آمريڪا خبردار ڪيو هو ته اربع کان انهن ملڪن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، جيڪي ايراني ايئرلائنز کي پنهنجي ايئرپورٽن تي لينڊ ڪرڻ جي اجازت ڏيندا. آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسينٽ ڌمڪي ڏني هئي ته جيڪو به ملڪ ايراني جهازن کي لينڊنگ سروسز فراهم ڪندو ان کي ڊالر نظام مان خارج ڪيو ويندو. ٻئي طرف آرمينيا جي راڄڌاني يريوان جي زوارٽنوٽس ايئرپورٽ جي ويب سائيٽ موجب، ايراني ايئر لائنز ڪيسپين ۽ فلائي ڪيش جون اڏامون اربع ڏينهن يريوان پهتيون. يريوان کان تهران لاءِ مقرر ڪيل مجموعي 6 اڏامن مان 2 رد ڪيون ويون آهن. ايراني ايئر لائنز يريوان ڪانسواءِ چين جي بيجنگ، شنگهائي ۽ گوانگزو سميت ٻين شهرن لاءِ پڻ سڌيون ۽ باقاعدي اڏامون هلائين ٿيون.

بقايا 12 ***

(متعارف ڪرايو آهي، جنهن جو مقصد صوبي ۾ ماحولياتي گورننس، مانيٽرنگ ۽ عوامي خدمتن کي جديد ڊجيٽل سسٽم سان ڳنڍڻ آهي. سيڪريٽري ماحوليات فيصل احمد عاقلي جو چوڻ آهي ته SEPA کي ڊجيٽل ماحولياتي گورننس ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي، جيئن ماحولياتي منظورين، NOCs، صنعتي رجسٽريشن، انسپيڪشن، شڪايتن ۽ رڪارڊ مئنيجمينٽ جي سڄي عمل کي شفاف، وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بڻائي سگهجي. هن چيو ته ماحولياتي لائسنس جي آن لائن درخواست فارم ذريعي، ماحولياتي انسپيڪشن، NOC پروسيسنگ، صنعتي رجسٽريشن، تعميل مانيٽرنگ، عوامي شڪايتن جي رجسٽريشن ۽ ٽريڪنگ ۽ انسپيڪشن مئنيجمينٽ کي هڪ مربوط نظام ۾ آندو ويندو. سسٽم ماحولياتي ادارن جي GIS ميپنگ، صنعتن جي حقيقي وقت نگراني ۽ ڊجيٽل دستاويز ۽ تاريخي رڪارڊ تائين فوري رسائي کي فعال ڪندو، جيڪو ماحولياتي معاملن ۾ ڊيٽا تي ٻڌل فيصلي سازي کي فروغ ڏيندو. سيڪريٽري ماحوليات فيصل احمد عاقلي وڌيڪ چيو ته شهرين جي سهولت لاءِ، هڪ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل گهڻ لساني چيٽ بوٽ پڻ متعارف ڪرايو پيو وڃي، جيڪو انگريزي، اردو ۽ رومن اردو ۾ رهنمائي فراهم ڪندو، جڏهن ته درخواست ڏيندڙ پنهنجي درخواستن ۽ شڪايتن جي پيش رفت کي آن لائن ٽريڪ ڪري سگهندا. ڊجيٽل سسٽم ڪاغذن ۽ غير ضروري آفيسن جي چڪرن کي گهٽائيندو، ريگيوليٽري عمل ڪاروباري ۽ صنعتي ادارن لاءِ آسان ٿيندو ۽ شهري ماحولياتي خدمتن تائين تيز ۽ شفاف رسائي حاصل ڪندا. ڊجيٽل سسٽم ذريعي، درخواست ڏيندڙ پنهنجي درخواستن جي حيثيت ۽ پيش رفت بابت بروقت معلومات حاصل ڪري سگهندا، جڏهن ته ماحولياتي شڪايتن جي رجسٽريشن کان وٺي انهن جي حل تائين سڄي عمل کي شفاف طريقي سان ٽريڪ ڪري سگهبو. هن چيو ته SEPA جي ڊجيٽلائيزيشن سرڪاري ادارن کي بهتر نگراني، خودڪار ورڪ فلو، مرڪزي ماحولياتي معلومات ڊيٽابيس ۽ شفاف فيصلي سازي ۾ مدد ڪندي. حڪومت جو مقصد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال ذريعي هڪ صاف، سرسبز ۽ صحتمند سنڌ قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي.

بقايا 13 ***

ڊيل نمائندن جي گرفتارين تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته 27 سيپٽمبر جي احتجاج کان حڪومت ايتري خوفزده آهي جو موٽرويز ۽ اهم شاهراهن تي ڪنٽينر لڳائي رستا بند ڪيا پيا وڃن. سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان جي عوام کي آئيني پرامن احتجاج، مظاهري ۽ اجتماع جو حق ناهي؟ پورو اسلام آباد بند ڪري عوام کي پريشان ڪيو ويو آهي. حليم عادل شيخ چيو ته [illegible] سياسي ٽولي پرامن جدوجهد تي يقين رکي ٿي. 27 سيپٽمبر جي مارچ کان حڪومت خوف محسوس ڪري رهي آهي، جنهن سبب سڄي ملڪ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون پيون وڃن. سياسي ڪارڪنن ۽ چونڊيل نمائندن کي گرفتار ڪري پرامن سياسي سرگرمين کي روڪڻ جو عمل [illegible]. حليم عادل شيخ چيو ته [illegible] جي گرفتاري سخت مذمت جوڳي آهي. [illegible] خيبرپختونخوا جي صوبائي وزير شڪيل خان [illegible] مذمت ڪريون ٿا. [illegible] قانون [illegible].

بقايا 14 ***

ڪندڙ نتيجا نڪتا آهن. جن ۾ سڀ کان وڌيڪ عام شهري متاثر ٿيا آهن. جنرل اسيمبلي جي خطاب ڪندي چيو ته فلسطين جي برباد ٿيل صورتحال تي دنيا کي غور ڪرڻو پوندو. [illegible] هن چيو ته رڳو عسڪري طاقت سان امن ۽ اقتصادي استحڪام ممڪن ناهي. [illegible] سلامتي ڪائونسل جو اصلاح ناگزير آهي.

بقايا 15 ***

ن انقلاب ان ڪوشش کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو آهي. سندس چوڻ هو ته دشمن سان اسان جا معاملا، جيستائين هو اسان خلاف دشمني رکي ٿو، مڪمل طور تي هٿيارن جي ذريعي طئي ڪيا ويندا.

بقايا 16 ***

پرڏيهي وزارت موجب، سيڪريٽري جنرل رياض ۾ قائم ٿيندڙ اتحاد جي جنرل سيڪريٽريٽ جي قيادت ڪندو. ياد رهي ته [illegible] سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ ٽه طرفو دفاعي معاهدو آهي. معاهدي تحت ڪنهن به ملڪ تي حملو ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو.

بقايا 17 ***

ڏي، جلوس ۽ ميڙ تي مڪمل پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. پنجاب جي گهرو کاتي قلم 144 تي فوري عملدرآمد جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب جي گهرو کاتي جي ترجمان موجب پنجاب ۾ هر قسم جا هٿيار کڻي هلڻ ۽ انهن جي نمائش تي پڻ مڪمل پابندي هوندي. غيرقانوني گڏجاڻين ۾ ماڻهن کي شرڪت لاءِ اڪسائڻ يا ترغيب ڏيڻ تي به پابندي هوندي. جڏهن ته پابندي جو اطلاق شادي جي تقريبن، جنازي جي نماز، تدفين، مسجدن ۽ ٻين عبادتگاهن تي نه ٿيندو. نوٽيفڪيشن موجب عدالتون، سرڪاري ادارا ۽ باضابطه اجازت سان ٿيندڙ تقريبون پابندي کان آجيون هونديون، جڏهن ته ڊيوٽي تي مقرر قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، انٽيليجنس ايجنسين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن تي پابندي لاڳو نه ٿيندي. ترجمان موجب، پنجاب جي سمورن ضلعن ۾ قلم 144 جو لاڳو 23 سيپٽمبر کان 5 آڪٽوبر تائين ڪيو ويو آهي. عوامي امن، سکون ۽ جان ۽ مال کي درپيش سنگين خطرن کي نظر ۾ رکندي قلم 144 لاڳو ڪئي وئي آهي. پنجاب گهرو کاتي جي ترجمان موجب قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ انٽيليجنس ايجنسين طرفان فوري نوعيت جي خطرن بابت اطلاع مليا آهن. انٽيليجنس رپورٽن موجب دهشتگرد تنظيمون عوامي گڏجاڻين کي نشانو بڻائڻ جي منصوبابندي ڪري رهيون آهن. ترجمان موجب گڏجاڻيون، ريليون، جلسا، ڌرڻا، جلوس ۽ مظاهرا دهشتگرد حملن لاءِ آسان هدف بڻجي سگهن ٿا. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ممڪن دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري حفاظتي قدمن ۽ سهڪار جي درخواست ڪئي، جنهن کانپوءِ گهرو سيڪريٽري ضابطا فوجداري 1898ع جي قلم 144 (6) تحت عوامي گڏجاڻين تي فوري پابندي لاڳو ڪري ڇڏي. پنجاب جي گهرو کاتي جي ترجمان چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ پنجاب حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا 18 ***

هلايون وينديون. سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌائي رهي آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ جي اوليت آهي ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت رڳو ڪراچي تائين محدود نه رهي، پيپلز بس سروس جو دائرو لڳاتار وڌايو پيو وڃي. نئين روٽس جو مقصد شهرين کي سستي ۽ بهتر سفري سهولت مهيا ڪرڻ آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 50 ڊبل ڊيڪر بسون 30 نومبر تائين سنڌ پهچي وينديون، جن کي مختلف روٽس تي هلايو ويندو. ڊبل ڊيڪر بسن جي اچڻ سان مسافرن کي اضافي سفر جي گنجائش ملندي. هن چيو ته لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ کي عوام طرفان ڀرپور موٽ ملي رهي آهي، لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين علائقن جا شهري جديد بس سروس کي ساراهي رهيا آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اليڪٽرڪ بسن جو منصوبو سنڌ جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام ۾ هڪ اهم اضافو ٿيندو. نيون اليڪٽرڪ بسون شهري علائقن ۾ ٽرانسپورٽ جي وڌندڙ مسئلن جي حل ۾ به مددگار ثابت ٿينديون.

بقايا 19 ***

موقعي تي يونان جي پرڏيهي وزير جارج گيراپيٽريٽس سان ملاقات ڪئي. جنهن دوران پاڪستان ۽ يونان وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو. پرڏيهي آفيس طرفان جاري ڪيل بيان موجب، يونان جي پرڏيهي وزير گيراپيٽريٽس علائقائي امن ۽ استحڪام ۾ پاڪستان جي تعميري ڪردار سان گڏ عالمي سطح تي پاڪستان جي وڌندڙ سفارتي سرگرمين کي ساراهيو. ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ يونان وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو، جنهن ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ ڪاروباري سطح تي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو. [illegible] يونان ۾ رهندڙ پاڪستاني مهاجرن جي قابل قدر خدمتن جو اعتراف ڪيو ۽ عالمي توانائي جي فراهمي ۾ خلل سميت علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي پرڏيهي وزيرن آمدرفت جي اهميت تي زور ڏنو ۽ ٻنهي ملڪن اعليٰ سطحي رابطن کي مسلسل برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي [illegible] دعوتون پڻ ڏنيون.

بقايا 20 ***

سنڌ حڪومت ۽ ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ ڪي سي آر جي لاءِ ٽرمز آف ريفرنس حتمي ناهڻ تي اتفاق ڪيو. منصوبي جي لاءِ زمين جي دستيابي جي تصديق جو فيصلو به ڪيو ويو. سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي سرڪلر ريلوي شهر لاءِ تبديلي جو سبب بڻجندڙ منصوبو آهي. [illegible] وي بابت مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ وفاق سان تعاون ڪيو ويندو. [illegible] ملاقات ۾ سنڌ حڪومت ۽ اي ڊي بي جي وچ ۾ ترقياتي پائيداري، شهري چرپر حرڪت، تعليم، صحت ۽ مستقبل جي منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي وڏي وزير شهري چرپر کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ منصوبابندي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اي ڊي بي طرفان سنڌ ۾ مستقبل جي ترقياتي منصوبن لاءِ تعاون جاري رکڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي.

بقايا 21 ***

موٽرويز ۽ قومي شاهراهن تي مرمتي ۽ اڏاوتي ڪم جاري هجڻ سبب ڪيترن ئي هنڌن تي لينون بند ڪيون ويون آهن، جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي ٽريفڪ کي متبادل رستن ڏانهن موڙيو ويو آهي. اين ايڇ اي ۽ موٽروي پوليس طرفان سيپٽمبر 2026ع تي جاري ٽريفڪ ايڊوائزري موجب ايم ٽو، ايم ٿري ۽ ايم فور موٽرويز تي مختلف حصن ۾ مرمتي ڪم جاري آهي. لاهور کان اسلام آباد ويندڙ ايم ٽو موٽر وي تي بلڪسر، ڪيپيٽل سمارٽ سٽي، نيلا دلهه، ڪلر ڪهار ۽ شاديوال پرسان ڪجهه لينون عارضي طور بند ڪيون ويون آهن. [illegible] لاهور کان عبدالحڪيم ويندڙ ايم ٿري موٽروي تي ننڪانا صاحب، جڙانوالا ۽ سمندري پرسان مرمتي ڪم سبب ڪجهه لينون بند ڪيون ويون آهن. پنڊي ڀٽيان ۽ ملتان وچ ۾ ايم فور موٽر وي تي فيصل آباد پرسان مرمتي ڪم جاري آهي ۽ 2 لينون بند ڪيون ويون آهن. [illegible]

بقايا 22 ***

۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي نمائندي اسٽيو وٽڪوف وچ ۾ ٿيل ڳالهين بابت ايران وضاحت ڪئي آهي ته آمريڪي ڌر سان رابطو قطري ٿياڪڙ ذريعي ٿيو هو. ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو ته گذريل هڪ هفتي دوران آبنائي هرمز، علائقائي سلامتي ۽ سفارتڪاري بابت ايران جو موقف ۽ شرطون واضح طور تي پيش ڪيون ويون. هن چيو ته نيويارڪ ۾ ايراني وفد جي موجودگي دوران قطري ٿياڪڙ ذريعي ڳالهيون آمريڪي ڌر تائين واضح انداز ۾ پهچايون ويون. ايران علائقائي سلامتي ۽ آبنائي هرمز بابت پنهنجي موقف سان گڏ سفارتي عمل لاءِ [illegible] شرطن بابت به آمريڪا کي آگاهه ڪيو. ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان جو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي، جڏهن عراقچي ۽ وٽڪوف وچ ۾ مبينا ڳالهين بابت ايران ۾ وڏي پئماني تي خبرون شايع ٿيون ۽ مختلف افواهه به سامهون آيا. ٻئي پاسي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گڏيل قومن ۾ پنهنجي تقرير کانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي چيو هو ته آمريڪي اختيارين جي ايراني وفد سان 3 ڪلاڪن تائين ٻڌل انتهائي هاڪاري ملاقات ٿي، پر هن وضاحت ڪئي هئي ته ان ملاقات ۾ اسٽيو وٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر رڳو ٿياڪڙن سان ملاقات ڪئي هئي. [illegible] ٽرمپ صحافين کي ٻڌايو ته سندس نمائندن جي ايراني ٿياڪڙن سان نتيجا ڏيندڙ ملاقاتون ٿيون، پر اهو رابطو صرف ٿياڪڙن تائين محدود هو. سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري بيان ۾ چيو ويو ته گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي ٿياڪڙن ذريعي ايراني اختيارين سان ڳالهه ٻولهه ٿي. وٽڪوف موجب، ڳالهين دوران ٿياڪڙ ٻنهي وفدن وچ ۾ مسلسل اچ وڃ ڪندا رهيا ۽ پيغامن جي ڏي وٺ ڪرائيندا رهيا. هن انهن ڳالهين کي "اميد افزا، تعميري ۽ ڪامياب" قرار ڏنو.

بقايا 23 ***

خاني اتي رهندڙ پاڪستاني شهرين کي سياسي سرگرمين، مظاهرن ۽ سياسي نظرين جي تشهير کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. سفارتخاني پاڪستاني شهرين کي سوشل ميڊيا جي استعمال دوران پڻ مقامي قانونن جي پابندي ڪرڻ ۽ احتياط کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏني آهي. سفارتخاني طرفان سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ويو آهي ته سعودي قانونن تحت ڪنهن به قسم جي سياسي سرگرمي ۾ ملوث ٿيڻ منع آهي. تنهن ڪري پاڪستاني شهري سياسي گڏجاڻين، مظاهرن، سياسي پارٽين جي سرگرمين ۽ سياسي نظرين جي تشهير کان مڪمل طور پاسو ڪن. بيان ۾ سوشل ميڊيا جي ذميواراڻي استعمال تي پڻ زور ڏنو ويو ۽ پاڪستاني شهرين کي اڻ تصديق ٿيل خبرون ۽ افواهون پکيڙڻ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. سفارتخاني چيو ته سياسي يا فرقيواراڻي بحث، تڪرار ۽ پکيڙيندڙ مواد شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. سفارتخاني سعودي عرب ۾ رهندڙ پاڪستانين کي وڌيڪ هدايت ڪئي آهي ته مقامي حڪومت جي پاليسين تي تنقيد يا ڀڙڪا پيدا ڪندڙ مواد کان پري رهن ۽ خطي جي سياسي ۽ سلامتي واري صورتحال کي سنسني خيز انداز ۾ پيش ڪرڻ کان پاسو ڪن. بيان ۾ خبردار ڪيو ويو ته سعودي عرب جي مقامي قانونن جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو، [illegible] ملڪ ڇڏڻ ۽ سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ تي پابندي جهڙا قدم شامل ٿي سگهن ٿا. هي هدايت اهڙي وقت سامهون آئي آهي، جڏهن پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي ۽ سفارتي سهڪار سميت مختلف شعبن ۾ ويجها لاڳاپا جاري آهن. [illegible]

بقايا 24 ***

اڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) خيبرپختونخوا جي صدر جنيد اڪبر خلاف پريوينشن آف اليڪٽرانڪ ڪرائمز ايڪٽ (پيڪا) تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. اين سي سي آءِ اي طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته جنيد اڪبر جي ٽڪ ٽاڪ اڪائونٽ تي لڳ ڀڳ 3 لک 40 هزار فالوورز آهن. ايف آءِ آر موجب، اڪبر پنهنجي پروفائيل تي هڪ وڊيو اپلوڊ ڪئي، جنهن ۾ هن رياست مخالف بيان ڏنا. اين سي سي آءِ اي موجب، جنيد اڪبر پنهنجي هڪ بيان، جنهن جي وڊيو يوٽيوب تي پڻ موجود آهي، ۾ اسلام آباد تي حملي ۽ وفاقي راڄڌاني واري شهر کي سومنات بڻائڻ جو اعلان ڪيو هو. ايف آءِ آر ۾ الزام لڳايو ويو آهي ته جنيد اڪبر چيو هو ته "جيئن سومنات تي 17 حملا ٿيا، اهڙي طرح اسلام آباد تي به 17 حملا ٿيندا." اين سي سي آءِ اي موجب، [illegible] پي ٽي آءِ اڳواڻ ڪارڪنن کي [illegible] ڪوشش ڪئي.

بقايا 25 ***

6 ۽ 27 سيپٽمبر تي موبائل فون ۽ انٽرنيٽ سروس معطل رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، سيڪيورٽي انتظامن تحت جڙيل شهرن راولپنڊي ۽ اسلام آباد سميت اٽڪ جي مختلف علائقن ۾ ٻن ڏينهن دوران موبائل فون ۽ انٽرنيٽ سروس بند رهندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته [illegible] ڏينهن اڳ ٿيل اعليٰ سطحي سيڪيورٽي اجلاس ۾ موٽروين جي روڊ ۽ ٻين اهم رستن کي بند ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو هو. [illegible] سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي موبائل فون سروس معطل ڪرڻ تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو هو جنهن تي هاڻي عملدرآمد جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 ***

جي دعويٰ ڪندي ڳالهيون اڄ ٻيهر جاري رکڻ تي اتفاق [illegible] گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي سائيڊ لائين تي ٿيل ڳالهين دوران ايران ۽ آمريڪا جا وفد ڌار ڌار ڪمرن ۾ ويٺا هئا. پاڪستان ۽ قطر جا نمائندا معرفت هڪ ٻئي کي تجويزون موڪليندا رهيا. آمريڪي نمائندي اسٽيو وٽڪوف ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ چيو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي ثالثن ذريعي ڳالهيون ٿيون، جيڪي سڄو ڏينهن جاري رهيون. [illegible] ثالث پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ڳالهيون "تعميري ۽ اميد افزا ثابت ٿينديون". ٻئي پاسي ايران جي پرڏيهي واري وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو ته ايران ثالثن معرفت ايران جي موقف کان آمريڪا کي آگاهه ڪيو آهي ۽ مثبت پيش رفت جي اميد آهي. [illegible] ٽرمپ وچ اوڀر جي عرب ملڪن جي اڳواڻن سان ملاقاتن کانپوءِ [illegible] هرمز واري سامونڊي لنگهه ذريعي سامونڊي آمدرفت بحال ڪرڻ جا خواهشمند آهن. جنگ کان اڳ دنيا جي تيل ۽ گئس جي مجموعي ترسيل جو پنجون حصو هن سامونڊي لنگهه مان گذرندو هو. [illegible] قطري سرڪاري خبرو اداري موجب ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي قطري وزيراعظم شيخ محمد بن عبدالرحمان آل ثاني سان ملاقات ڪئي. قطر ڪيترن ئي مهينن کان تڪرار ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. [illegible]

بقايا 27 ***

لاڙڪاڻي ۾ فائرنگ جي واقعي جي تفصيلي رپورٽ کان آگاهه ڪيو. سنڌ جو گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار [illegible] فائرنگ واقعي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪيو. سنڌ جو گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي لاڙڪاڻي کي هدايت ڪئي ته واقعي جي سڀني پهلوئن جي جاچ ڪئي وڃي ۽ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي. شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي بنيادي ذميواري آهي، واقعي ۾ ملوث عنصرن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. سنڌ جو گهرو وزير لاڙڪاڻي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ اثرائتي قدم کڻڻ کي يقيني بڻايو وڃي. ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته مرحوم جي خاندانن سان همدردي جو اظهار ۽ سوگوار خاندانن لاءِ صبر جي دعا. سنڌ جو گهرو وزير چيو آهي ته واقعي جي سببن کي طئي ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن.

بقايا 28 ***

احمد خان لغاري وزيراعظم جي هدايت تي ڊسڪوز ۾ بي ضابطگين ۽ بجلي چوري بابت قائم ڪميٽي جي اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي. اجلاس ۾ بجلي چوري روڪڻ، بجلي وچ ۾ نقصان گهٽائڻ ۽ بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ قدمن جو جائزو ورتو ويو. ڪميٽي کي پاور ڊويزن، نيپرا، وزارت اطلاعات ۽ مواصلاتي ٽيڪنالاجي، پاڪستان ڊجيٽل اٿارٽي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن طرفان بجلي چوري، وچ جي نقصانن، وصولين ۽ توانائي جي شعبي ۾ ٽيڪنالاجي جي استعمال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. غور ويچار ڪانپوءِ ڪميٽي سمورين بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين (ڊسڪوز) جو جامع ڊيٽا آڊٽ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جو مقصد بجلي چوري جي اصل مقدار، ان جا سبب ۽ متاثر علائقن کان [illegible] ۽ واپاري نقصانن جو تعين ڪرڻ آهي. [illegible] ڪميٽي فيصلو ڪيو ته آڊٽ جي ضابطا ڪار (ٽي او آرز) ايندڙ هفتي تائين حتمي ڪيا ويندا. سينيٽر احد چيمه زور ڏيندي چيو ته آڊٽ دوران بجلي چوري، وچ جي نقصان ۽ ڪارڪردگي جو جامع تشخيصي جائزو ورتو وڃي ۽ ان جي بنياد تي ڀروسي جوڳا ۽ قابل عمل نتيجا پيش ڪيا وڃن. [illegible] وفاقي وزير برائي پاور ڊويزن سردار اويس احمد خان لغاري چيو ته پاور ڊويزن وفاقي حڪومت جي مقصدن سان مڪمل طور هم آهنگ آهي ۽ بجلي چوري ۽ نقصان تي ضابطو آڻڻ لاءِ سرگرم عمل آهي. [illegible] پشاور اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (پيسڪو) ۽ ڪوئيٽا اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (ڪيسڪو) [illegible] شمسي توانائي فراهم ڪرڻ جي آزمائشي منصوبي جا سٺا نتيجا نڪتا آهن. [illegible]

بقايا 29 ***

تحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. گهرو وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب ملاقات ۾ خطي ۾ امن ۽ استحڪام ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل رابطن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. ان موقعي تي آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي لازوال قربانين جو اعتراف ڪندي ان جي ساراهه ڪئي. گهرو وزير محسن نقوي چيو ته پاڪستان دنيا ۽ دهشتگردي جي وچ ۾ هڪ مضبوط ڀت وانگر بيٺل آهي ۽ خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو.

بقايا 30 ***

پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي جاگرافيائي سالميت، رياستي خودمختياري ۽ عوام جي تحفظ تي ڪو به ناهه نه ڪيو ويندو. وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي هوائي حدن جي ڪابه ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي ۽ پاڪستان ڏانهن ميري نظر سان ڏسڻ جو هر سطح تي ڀرپور ۽ منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو. هن چيو ته هٿياربند فوجون هر وقت [illegible] تيار رهڻ جو چٽو ثبوت آهي. محمد حنيف عباسي دو ٽوڪ موقف اختيار ڪندي چيو ته پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياري تي ڪنهن کي به وار ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي. هن زور ڏيندي چيو ته پاڪستان جي جاگرافيائي سالميت، رياستي خودمختياري ۽ عوام جي تحفظ تي ڪو به ناهه نه ڪيو ويندو ۽ ملڪ خلاف ڪنهن به جارحيت يا شرپسندانه ڪارروائي ڪندڙن جي ناپاڪ ارادن کي هر محاذ تي ساڳي طاقت سان ناڪام بڻايو ويندو.

بقايا 31 ***

خان جي قتل خلاف منگهوپير ٿاڻي آڏو وارثن ۽ علائقي واسين جو احتجاجي ڌرڻو 15 هين ڏينهن به جاري رهيو. جڏهن ته مقتول جي والد معاملن تي اتفاق ٿيڻ ۽ ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب 7 ۽ 8 سيپٽمبر جي وچ واري رات گهر ۾ ڦرلٽ دوران مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن جي فائرنگ ۾ نوجوان روشر خان مارجي ويو هو. واقعي خلاف وارث ۽ علائقي واسي 8 سيپٽمبر کان منگهوپير ٿاڻي آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن. جڏهن ته 15 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن جو پتو لڳائي نه سگهي آهي. مقتول جي والد رونيداد خان چيو ته هو 15 ڏينهن کان صبر ڪري ويٺا آهن ۽ کين اميد آهي ته معاملو جلد حل ٿي ويندو. هن چيو ته "منهنجو ڪم هتي ڌرڻي ۾ ويهڻ آهي، فيصلي جو اختيار وڏن کي ڏئي ڇڏيو آهي." هن چيو ته سندن جدوجهد رڳو پنهنجي پٽ لاءِ نه، پر سڀني والدين لاءِ آهي. نوجوان پٽ جي موت جو لمحو قيامت کان گهٽ نه هو. هو چاهين ٿا ته ڪو ٻيو پيءُ اهڙي اذيت مان نه گذري. رونيداد خان چيو ته هو چاهين ٿا ته روشر جي ماءُ جيڪو اذيتناڪ لمحو ڏٺو اهو ٻي ڪا ماءُ نه ڏسي. ڌرڻي ۾ ماڻهو مقتول جي حق ۽ ظلم خلاف شرڪت ڪري رهيا آهن. سندن لخت جگر سان تمام وڏو ظلم ٿيو آهي، هن چيو ته روشر جي ماءُ، ڀينرن ۽ سڄي ساٿ ظلم ٿيو آهي. [illegible] سنڌ جي آءِ جي کان سندن رڳو هڪ ئي مطالبو آهي ته روشر جي قاتلن کي گرفتار ڪري عوام آڏو آندو وڃي. ٻئي طرف منگهوپير ٿاڻي آڏو جاري ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙن روشر خان جي قتل جي مذمت ڪندي جوابدارن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 32 ***

اٿي اهو وڌيڪ آسانيءَ سان ممڪن ٿي سگهندو. واٽس ايپ جي بيٽا ورزن ۾ هڪ نئون فيچر سامهون آيو آهي، جنهن ذريعي واٽس ايپ فيس بڪ ۽ انسٽاگرام جون تصويرون، ويڊيوز ۽ ريلز واٽس ايپ تي شيئر ڪري سگهندا. رپورٽ موجب، اينڊرائيڊ ۽ آءِ او ايس ڊوائيسز لاءِ واٽس ايپ جي بيٽا ورزن ۾ هن فيچر جي آزمائش جاري آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته [illegible] موجود ميڊيا ذريعن جي فهرست نظر ايندي. نئين اپ ڊيٽ ۾ واٽس ايپ فيس بڪ ۽ انسٽاگرام کي به انهن ذريعن ۾ شامل ڪيو آهي. ان ذريعي واٽس ايپ پنهنجي فيس بڪ ۽ انسٽاگرام اڪائونٽس مان اسٽوريز، پوسٽون ۽ ريلز چونڊي واٽس ايپ تي شيئر ڪري سگهندا. [illegible]

بقايا 33 ***

ي ڪيس ۾ عورت زيب النسا جي قتل جي ڏوهه ۾ جوابدار بخت بلند جي موت جي سزا کي عمرقيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ جسٽس شمس الدين عباسي تي ٻڌل بينچ جمشيد ڪوارٽرز ۾ گهرو تڪرار تان ٿيل ٻٽي قتل جي ڪيس ۾ جوابدارن بخت بلند ۽ بابر خان جي سزائن خلاف اپيلن تي فيصلو ٻڌايو. عدالت عورت زيب النسا جي قتل جي ڏوهه ۾ جوابدار بخت بلند جي موت جي سزا کي عمرقيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. عدالت جوابدار کي هارون جي قتل ۽ قتل جي ڪوشش جي الزامن مان بري ڪري ڇڏيو، جڏهن ته غيرقانوني هٿيار رکڻ واري ڪيس ۾ بخت بلند جي سزا برقرار رکي. عدالت ساٿي جوابدار بابر خان جي سهولتڪاري جي الزام ۾ سزا ۾ گهٽتائي ڪندي ان کي جيل ۾ گذاريل وقت تائين محدود ڪري ڇڏيو. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته جوابدار بخت بلند ۽ مقتولا زيب النسا وچ ۾ گهرو تڪرار ۽ ٻارن جي خرچ جو هلندڙ ڪيس واقعي جو پسمنظر ثابت ٿئي ٿو. پراسيڪيوشن موجب جوابدار بخت بلند ۽ يوسف رحمان 2021ع ۾ گهرو تڪرار تان زيب النسا کي فائرنگ ڪري قتل، جڏهن ته انور کي زخمي ڪيو هو. جوابدار فرار ٿيندي مقتولا جي پاڙي هارون کي گولي هڻي قتل ڪيو هو. جوابدار بخت بلند کي مانسهره مان گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته ساٿي جوابدار يوسف رحمان ڪيس ۾ روپوش آهي.

بقايا 34 ***

سيڪيورٽي ذريعن موجب، صبح جو افغان طالبان حڪومت طرفان 4 ڊرون پاڪستان جي هوائي حدن ڏانهن موڪليا ويا، پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ايئر ڊفينس سسٽم سمورن ڊرونن کي ڪيرائي ڇڏيو ۽ فوج افغان طالبان حڪومت جي بزدلاڻي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي. [illegible] پاڪ افغان سرحد تي پاڪ فضائي دفاعي نظام هر وقت تيار ۽ فعال آهي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته 4 ڊرون طورخم سرحد سان لڳندڙ علائقن ۾ ڪيرايا ويا، جڏهن ته 4 ڊرون ڪوهاٽ سان لڳندڙ علائقن ۾ تباهه ڪيا ويا. تباهه ٿيل ڊرونن جو ملبو تحويل ۾ ورتو ويو. ذريعن موجب، دراندازي افغان طالبان حڪومت طرفان دهشتگردن جي سڌي مدد ۽ سرپرستي جو ثبوت آهي. [illegible]

بقايا 35 ***

مين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، جيئي سنڌ قومي پارٽي چيئرمين نواز خان زئور، جيئي سنڌ تحريڪ چيئرمين شبير احمد جمالي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ هي فيصلو ڪيو ويو ته جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران 8 نومبر تي ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو، جنهن جي سلسلي ۾ سڄي سنڌ ۾ سجاڳي مهم هلائي 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ وحدت سنڌ مارچ ڪميٽي [illegible]. سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا مستقل رهواسي آهن [illegible] لساني تضاد پيدا ڪرڻ وارين سمورن ڪوششن کي ناڪام بڻايو ويندو. ان سلسلي ۾ الطاف حسين جو [illegible] موقف ساراهه جوڳو آهي. اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جي ان موقف، ته نون صوبن بابت نيشنل اسيمبلي ۾ [illegible] بحث نٿو ڪري سگهجي، جي حمايت ڪئي وئي ۽ ساڳي وقت بلاول ڀٽو زرداري پاران نيشنل اسيمبلي ۾ اهڙو بحث ڪرڻ واري ڳالهه کي سختي سان رد ڪيو ويو. [illegible] سنڌ جي سامونڊي پٽي ۽ بندرگاهن جي اهميت وڌي وئي آهي [illegible] ڪيٽي بندر ۽ نئون بندرگاهه ٺاهڻ [illegible]. رهبر ڪميٽي [illegible] زمين تي قبضي، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ڪئنالن [illegible] رد ڪري ٿي. اجلاس ۾ غفار ميرجت، پنهل ساريو، محمد علي خشڪ، الاهي بخش چاچڙ، اياز سولنگي، اعظم فاروقي، احمد خان کوسو، ماجد پنهور ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 01

تي سگهيو آهي. جڏهن ته اسڪول جي عمارت جي ڇت ڪمزور ٿيڻ سان سوين معصوم ٻارڙن جي مستقبل ۽ زندگين بابت ڳڻتي وڌي وئي آهي. ڳوٺاڻن غلام حسين ملاح، محمد موسىٰ، انور ملاح، عاشق ملاح، مائره، دعا، شاهنواز ملاح، گل محمد ملاح، علي محمد ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته ڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ 150 ٻار تعليم کان محروم آهن. اسڪول ۾ مناسب فرنيچر موجود ناهي ۽ عمارت جي ڇت به زبون حال ٿي چڪي آهي. هنن وڌيڪ الزام هنيو ته اسڪول جي ڇت تي عابد پنجابي پاران مبينا طور سولر سسٽم لڳائي اسڪول جي جاءِ تي قبضو ڪيو ويو آهي. جنهن سبب سرڪاري اسڪول جي ملڪيت بابت به سوال اٿيا آهن. ڳوٺاڻن موجب اسڪول سان لاڳاپيل استاد عمر لوهار مقرر ٿيل آهي، پر هو مبينا طور باقاعدگي سان اسڪول نٿو اچي، جنهن ڪري ٻار تعليم جي بنيادي حق کان محروم آهن. هنن چيو ته هڪ طرف اسڪول جي عمارت خطرناڪ حالت ۾ آهي ته ٻئي طرف استاد جي مبينا غيرحاضري سبب ڳوٺ جي ٻارڙن جو تعليمي مستقبل داءَ تي لڳل آهي. ڳوٺاڻن سنڌ جي وڏي وزير، تعليم واري وزير، اي ڊي او سڄاول ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڪارو ملاح ڳوٺ جي اسڪول جي عمارت جي فوري مرمت ڪرائي، نئون فرنيچر فراهم ڪيو وڃي، اسڪول تان مبينا قبضو ختم ڪرائي سرڪاري ملڪيت محفوظ بڻائي وڃي ۽ استاد کي پابند ڪيو وڃي ته هو روزاني بنياد تي اسڪول اچي ٻارڙن کي تعليم فراهم ڪري. 10 سالن کان منظور ٿيل روڊ به تعمير نه ٿي سگهيو ڳوٺاڻن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪارو ملاح ڳوٺ لاءِ لڳ ڀڳ 10 سال اڳ روڊ منظور ٿيڻ باوجود اڃ تائين روڊ تعمير نه ٿي سگهيو آهي. هنن الزام هنيو ته روڊ جي تعمير لاءِ مقرر ڪيل فنڊن بابت به شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي، چاڪاڻ ته روڊ مڪمل نه ٿيڻ سبب ڳوٺاڻن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته روڊ نه هجڻ ڪري بيمار، عورتن ۽ ٻارڙن کي اسپتال تائين پهچائڻ انتهائي ڏکيو بڻجي وڃي ٿو ۽ ڪيترائي مريض رستي جي خراب حالت سبب بروقت علاج کان محروم رهجي وڃن ٿا. هنن سنڌ حڪومت، روڊس کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته ڪارو ملاح ڳوٺ جي روڊ واري منصوبي جي شفاف جاچ ڪرائي، جيڪڏهن ڪا بي ضابطگي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ روڊ کي ترت مڪمل ڪرائي ڳوٺاڻن کي بنيادي سهولت فراهم ڪئي وڃي. جڏهن ته اسڪول تان قبضو ختم ڪرايو وڃي نه ته بي صورت ۾ اسين ڳوٺاڻا ڪورٽ سڳوري جو دروازو کڙڪائينداسين

بقايا عوامي سوچ 02

جي ڪوريج جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر متياري ڊاڪٽر زاهد صدر پڻ ساڻس گڏ هئا. ڊپٽي ڪمشنر آر ايڇ سي پٽ شاهه، يوسي پٽ شاهه ۾ پوليو ٽيم جي فيلڊ سرگرمين ۽ آر ايڇ سي/ٽي ايڇ ڪيو هالا جو دورو ڪيو. آر ايڇ سي پٽ شاهه جي دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملي کان مهم جي اڳڀرائي، ٽيمن جي مقرري ۽ ٻارن جي ڪوريج بابت بريفنگ ورتي. هن پوليو ٽيمن جي حاضري، مائڪرو پلان موجب جاري سرگرمين ۽ ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻ واري عمل جو پڻ معائنو ڪيو. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر يوسي پٽ شاهه ۾ فيلڊ ۾ مصروف پوليو ٽيم جو دورو ڪري گهر گهر جاري پوليو ويڪسينيشن جي سرگرمين جو مشاهدو ڪيو. هن ٽيم کان ٻارن جي ڪوريج، رهجي ويل ٻارن ۽ فيلڊ ۾ پيش ايندڙ مسئلن بابت معلومات حاصل ڪئي. هن ٽيمن کي هدايت ڪئي ته پنجن سالن کان گهٽ عمر جي سمورن ٻارن جي مڪمل ڪوريج يقيني بڻائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو ٻار رهجي وڃي ته ان لاءِ فوري طور فالو اپ دورو ڪيو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر آر ايڇ سي/ٽي ايڇ ڪيو هالا جو پڻ دورو ڪيو، جتي هن پوليو مهم سان لاڳاپيل انتظامن ۽ فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليو ٽيمن جي مؤثر نگراني، بروقت رپورٽنگ ۽ فيلڊ ۾ مسلسل رابطي ۽ هم آهنگي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن مهم جا مقرر ڪيل هدف حاصل ڪري سگهجن. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر زاهد صدر ڊپٽي ڪمشنر کي ضلعي اندر جاري پوليو مهم جي مجموعي اڳڀرائي، ٽيمن جي ڪارڪردگي ۽ ٻارن جي ڪوريج بابت بريفنگ ڏني. ڊپٽي ڪمشنر زور ڀريو ته پوليو جي خاتمي لاءِ سمورن لاڳاپيل کاتن جون گڏيل ڪوششون ۽ مؤثر فيلڊ مانيٽرنگ انتهائي ضروري آهن. ڊپٽي ڪمشنر پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته والدين سان مؤثر رابطو برقرار رکيو وڃي ۽ هر اهل ٻار کي پوليو جا قطرا پيارڻ يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن مهم دوران ڪوبه ٻار پوليو جي قطرن کان محروم نه رهي.

بقايا عوامي سوچ 03

پڙيون گٽڪا ماوا، هڪ شهزور پڪ اپ، 125 بيگ ديسي شراب ۽ 503 گرام چرس هٿ، جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٺٽو ٽائون جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر رياض حسين سومرو ۽ ٺٽو پوليس پوسٽ جي انچارج سب انسپيڪٽر راجا ظفر راجپوت عملي سان گڏ ٺٽو شهر ۾ ڪارروايون ڪندي 5 منشيات فروش جوابدارن علي اڪبر عرف ڪالي ولد دجهال خاصخيلي کي 503 گرام چرس، وقار محمد هاشم گهرانو، عارف ولد خدا بخش کهاوڙ، لالا عرف عرس ملاح ۽ رياض ولد صوفن ملاح کي 70 بيگ ديسي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته ٻن گٽڪا فروش جوابدارن سجاد عرف سڄو ولد گل حسن ڏايو ۽ خدا بخش ولد ابراهيم ملاح کي 205 پڙيون گٽڪا ماوا سميت گرفتار ڪيو ويو. ايس ايڇ او مڪلي ٽائون انسپيڪٽر محمد جمن ڪوسو، جنگشاهي پوليس پوسٽ ۽ ترڪش ڪالوني پوليس پوسٽ جي انچارجن عملي سان گڏ مڪلي ۾ ڪارروايون ڪندي ٻن منشيات فروش جوابدارن عالم ولد شفيع محمد جوکيو ۽ نواب ولد علي محمد هالو کي 55 بيگ ديسي شراب سميت، جڏهن ته ٻن گٽڪا فروش جوابدارن گمشاد علي ولد غلام قادر خاصخيلي ۽ عبدالشڪور ولد شير محمد هنگورو کي 120 پڙيون گٽڪا ماوا سميت گرفتار ڪري ورتو ان کان علاوه ڏاهبيجي ۽ جهرڪ پوليس پڻ ڪارروايون ڪندي ٻن گٽڪا فروش جوابدارن اقبال ولد محمد حسن ڪلمتي کي 360 پڙيون گٽڪا ماوا ۽ يوسف ولد رمضان ٿوبو کي 200 پڙيون گٽڪا ماوا ۽ هڪ شهزور پڪ اپ سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، ناركوٽڪس ايڪٽ ۽ منشيات آرڊيننس تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا عوامي سوچ 04

ڪ تي ڏيا ٻاري روڊ ٻنهي پاسن کان بلاڪ ڪري ڇڏيو جڏهن ته قومي عوامي تحريڪ جي صدر جاويد علي جمالي، ڊاڪٽر اسرار احمد ڪوسو ۽ ٻين ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو ته حڪومت جنهن غريب عوام لاءِ سولر سسٽم ۽ ٻيو سامان موڪليو هو، اها سهولت سرسو جا ڪرپٽ آفيسر ڳڙڪائي ويا آهن هنن وڌيڪ چيو ته سرسو ڳڙهي خيرو انچارج اعجاز جوٽيجو مستحقن جا حق ماري پنهنجا جيب گرم ڪري رهيو آهي. 21 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود اعليٰ اختيارين جي خاموشي ڪنهن وڏي ملي ڀڳت جو شڪ پيدا ڪري ٿي. سرسو انچارج اعجاز جوٽيجو خلاف فوري شفاف تفتيش ڪري ڪيس عهدي تان هٽايو وڃي. حڪومتي سولر سسٽم ۽ سامان ترت مستحق ۽ حقيقي نادار ماڻهن تائين پهچايو وڃي. اڳواڻن واضح ڪيو ته جيستائين هي ڪرپٽ سسٽم ختم نٿو ٿئي ۽ مستحقن کي سندن جائز حق نٿو ملي، تيستائين هينئر شروع ٿيل تحريڪ وڌيڪ سخت ڪئي ويندي ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ واري سلسلي کي اڳتي وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 05

نويد ميراثي جي وارثن پاران چوهڙجمالي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي، جنهن دوران هنن پوليس مقابلي کي ڪوڙو ۽ جڙتو قرار ڏيندي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ نويد ميراثي جي امڙ، والد محمد بچل ميراثي، هيڊ ماستر پرائمري اسڪول غلام مصطفىٰ ميراثي ۽ محمد ابراهيم ميراثي ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته ٻه ڏينهن اڳ ڊي ايس پي سڄاول ، ايس ايڇ او چوهڙجمالي اشفاق منگي ، وڏي منشي ولي خاصخيلي ۽ ٻين ڪنهين گم ڪري ڇڏيو هو ۽ رات اڳ ڪوڙو جعلي پوليس مقابلو ڄاڻائي ڪين گوليون هڻي سخت زخمي ڪيو ويو ۽ زخمي نوجوان کي ڪنهن سان به ملاقات ڪرڻ جي اجازت نه ڏني پئي وڃي، جنهن سبب وارثن ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي. نويد ميراثي جي وارثن جو چوڻ هو ته نويد مزدوري ڪندڙ ۽ بيگناهه آهي، جنهن خلاف اڳ ۾ ڪنهن به قسم جو نه ڪيس داخل آهي ۽ نه ئي هن جو ڪڏهن ڪنهن سان ڪو جهيڙو ٿيو آهي. وارثن الزام لڳايو ته ڪيس سازش تحت ڪوڙي ڪيس ۾ قاسايو آهي پوليس تمام گهٽو ظلم ڪيو آهي. تنهن ڪري هن معاملي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ضروري آهي. نويد ميراثي جي وارثن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ اعليٰ عدالتن کان مطالبو ڪيو ته مبينا جعلي پوليس مقابلي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن پوليس اهلڪار خلاف قانون جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. فوتي نوجوان مٺي جي سگهروڙ پاڙي/ڪونيو ڪالوني جو رهواسي هو. حادثي ڪانپوءِ پاڻي وارو ٽينڪر ۽ تباهه ٿيل موٽرسائيڪل واقعي واري هنڌ تي موجود رهيا، جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا عوامي سوچ 07

ماءُ آهي ۽ حاملا پڻ آهي کي سنڌس سس حوران ڪوسو ۽ مڙس ضمير ڪوسو گهر ۾ هٿيارن جي زور تي ٻاندي بڻائي ڪيس تشدد ڪري پيءُ ۽ ڀاءُ خلاف ڪوڙا بيان ڏياري رهيا آهن. اسان کي خدشو آهي ته ڌيءَ کي قتل ڪري ڇڏيندا. زبردستي ڪيس ڌمڪايو پيو وڃي ته بيان پيءُ ۽ ڀاءُ خلاف ڏي نه ته توسميت تنهنجي ڀاءُ ۽ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏينداسين اسان جي ڌي وٽ ٿيل آهي منهنجي ڌيءَ ريما ضمير ڪوسو کي ڏنل آهي ضمير جي ڀيڻ ريشمان منهنجي پٽ منصور ڪوسو کي ڏنل آهي، جيڪا مائٽن جي چوڻ تي گهر ڇڏي مائٽن ڏي وئي آهي. جنهن بعد منهنجي نياڻي ريما جي زندگي خطري ۾ آهي. جهيڙو ڪري اسان کي زخمي ڪيو جنهن جو ڪيس اي سيڪشن تي ضمير، وحيد، امداد ڪوسو سميت 6 نامعلومن تي داخل ٿيل آهي گرفتاري کان اڳ ضمانت ڪرائي هن وقت رات جو ساڳيا ماڻهون اچي مون تي تشدد ڪيو آهي ڪيس تان هٿ کڻي وڃ نه ته توکي تنهنجي پٽ ۽ ڌيءَ کي ماري ڇڏينداسين. منصور ڪوسو الزام هنيو ته گذريل هڪ سال کان گهرواري ريشمان کي ماءُ حوران ڪوسو ورغلائي گهر جو ماحول خراب ڪري رهيا آهن. جنهن بعد ضمير ڪوسو، امداد ڪوسو، وحيد ڪوسو، نعيم ڪوسو، ظهير ڪوسو ۽ 5 نامعلوم هٿياربند حملو ڪري مارڪٽ ڪري ڪين مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. هنن نير ورهائيندي سيشن جج دادو، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ڊي ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته ڌيءَ ريما جيڪا گهر ۾ ٻاندي بڻيل آهي کي بازياب ڪرائي ڏني وڃي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي. جڏهن ته اي سيڪشن ٿاڻي تي جهيڙي جي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو آهي، باٿر ڏوهاري ٻاهران ماڻهون گهرائي پنهنجي گهر ۾ ويهاري ڇڏيا آهن اسان کي قتل ڪيو ويندو جنهن جا ذميوار ڄاڻايل جوابدار هوندا.

بقايا عوامي سوچ 08

جي ڪارواڻي هلايي جنهن ايجنڊا پيش ڪيي جڏهن ته ميٽنگ ۾ ميمبرن عهديدارن شرڪت ڪيي جنهن ۾ ليگل ايڊوايزر انور علي پرڳڙي عبدالحميد ڪوسو تلڪو ڀيل نارايڻ داس ڪولهي ارجن ڀيل شهباز ڀير اقبال جٽ ساجن ڪمار شرڪت ڪيي خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد شهر ۾ وڌندڙ بدامني چورين منشيات خلاف سول سوسايٽي کي ڪوريج ڏيڻ سميت عوامي بنيادي مسيلن بابت صدر نور محمد خاصخيلي جي اڳواٽي ۾ ميٽنگ ٿي گزري جڏهن ته ميٽنگ جي ڪارواڻي جنرل سيڪريٽري جاويد احمد پرڳڙي هلايي گڏجاڻي ۾ عوامي پريس ڪلب جي ميمبرن عهديدارن شرڪت ڪيي گڏجاڻي ۾ شرلت ڪندڙن ۾ عوامي پريس ڪلب جي ليگل ايڊوايزر انور علي پرڳڙي نايب صدر شهباز ڀير ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالحميد ڪوسو خزانچي تلڪو ڀيل سينير ميمبر ساجن ڪمار نارايڻ داس ارجن ڀيل اقبال جٽ شرڪت ڪيي

بقايا عوامي سوچ 09

ٽي جي چيئرمين جام احسان جوکيو، ڪي اليڪٽرڪ جا عملدار، علائقي جا معزز ۽ بشير احمد جوکيو چيئرمين ڪريم الله جوکيو، ضلعي ڪائونسل ميمبر حسن علي پورو جوکيو وڏيرو محمد رحيم جوکيو ۽ گهارو جي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳوٺاڻن معزز مقصود احمد جوکيو، مظفر جوکيو پاران ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو ۽ ٻين مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو ويو. بجلي جي فراهمي شروع ٿيڻ سان ٻنهي ڳوٺن جي رهواسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي. جڏهن ته علائقي واسين پاران بجلي جي سهولت فراهم ڪرڻ تي اڳواڻن ۽ لاڳاپيل ادارن جا ٿورا مڃيا ويا. تقريب دوران علائقي جي ٻين بنيادي مسئلن بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ ڳوٺاڻن پاران ترقياتي سهولتن جي فراهمي لاءِ پنهنجا مطالبا پيش ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 10

ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌترقي پسندپارٽي پاران ”سنڌمنهنجي امان“ جي سري هيٺ عوامي جاڳرتا مهم جو سلسلو جاري آهي. سلسلي ۾ سنڌترقي پسند پارٽي جوچيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي 28 سيپٽمبر تي ٺٽو،مڪلي، گجو، گهارو، ساڪرو ۽ ڳاڙهو پهچندو، جتي هو عوامي جلسي کي پڻ خطاب ڪندو. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌجي عوام کي متحدٿيڻ جي ضرورت آهي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌ اسان جومادروطن آهي. ڪراچي سميت سنڌ ۾ رهندڙ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ سڀ سنڌ جا رهواسي ۽ سنڌي آهن. هنن چيو ته سنڌ تاريخي ۽ ثقافتي تهذيب سان مالامال ڌرتي آهي ۽ اسان سڀ هڪ آهيون. سنڌ جي وحدانيت تي ٿيندڙ ڪنهن به وار کي برداشت نه ڪيو ويندو. سنڌ جي ورهاڱي کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. چاڪاڻ ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ ان تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتوقبول ناهي. اڳواڻن گهارو جي سمورن صحافين، واپارين، وڪيلن هارين، شاگردن ۽ مزدورن کي اپيل ڪئي ته عوامي جاڳرتا مهم ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪري سنڌ سان پنهنجي وچن جو اظهار ڪن

بقايا عوامي سوچ 11

نتيجي ۾ مرغي سان ڀريل تيز رفتار مزدا نمبر AAEB_216 کاهي ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ڄڻا ڏڏي تي فوت ٿي ويا، ٽي ڄڻا سخت زخمي فوتين جي سڃاڻپ انور ولد جمعون جوکيو ۽ احمد ولد رمضان جوکيو طور ٿي آهي. فوتي مليرجي علائقي گلشن حديد جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. مرغي سان ڀريل مزدا رسول بخش مرو بلوچ جي فارم تان مرغي ڀري ڪراچي ڏانهن وڃي رهيا هئا ته ٺمڪا چوڪ وٽ تيز رفتاري سبب گاڏي بي قابو ٿي روڊ ڀرسان کاهي ۾ ڪري پئي ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا ڏڏي تي فوت ٿي ويا ڪلٽي ٿيل مزدا ۾ لکين روپين جي مرغي پڻ مري وئي ٺ اطلاع ملڻ تي غلام الله ور پوليس فوري طور حادثي واري هنڌ پهچي فوتين ۽ زخمين کي مڪلي اسپتال منتقل ڪيو، جتان فوت ٿيل ٻنهي نوجوانن کي گلشن حديد روانو ڪيو ويو نوجوانن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهه

بقايا عوامي سوچ 12

تي گهارو چيئرمين هوٽل اڳيان مقامي اڳواڻن، معزز شخصيتن ۽ شهرين، ڳوٺاڻن پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪ لنگهيون اوڍائي گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ هن گهارو ۾ ڪيترن ئي سالن کان بجليءَ کان محروم ٻڌيل ٻن قديم ڳوٺن ڪرمي جوکيو ۽ غلام محمد جوکيو، سميت ٽن ڳوٺن ۾ بجليءَ جي فراهمي جي نون منصوبن ۽ اسڪيمن جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪانپوءِ ٽنهي ڳوٺن ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي آهي. افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ايم اين اي جي شاندار استقبال ڪرڻ سان گڏ ڪيترن ئي سالن کان انتظار ڪيل بجليءَ جي سهولت ملڻ تي تمام گهڻي خوشيءَ جو اظهار ڪندي سندس دل سان ٿورا مڃيا. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو چيو ته ڳوٺ ڪرمي جوکيو ۽ غلام محمد جوکيو، حاجي عطا محمد جوکيو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان بنيادي سهولتن ۽ بجليءَ کان محروم هئا، پر پيپلزپارٽي جي خلوص نيتي ۽ ڪوشش سان اڄ انهن ڳوٺن ۾ بجلي جي روشني پهچائي وئي آهي چاڪاڻ ته ڳوٺاڻن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سندس پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي، بجلي ۽ روڊ رستا عوام جا بنيادي حق آهن ۽ پيپلزپارٽي هڪ عوامي ۽ جمهوري پارٽي آهي جيڪا صرف نعري بازي تي نه پر عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ تي يقين رکي ٿي. ان ڪري پارٽي جا نمائندا ڪڏهن به عوامي مسئلن کان غافل ناهن رهيا. ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو اعلان ڪيو ته گهارو ۾ ڪيترن ئي سالن کان نظرانداز ٿيل رهيل ڳوٺن کي پڻ تمام جلد بجليءَ جون اسڪيمون ڏنيون وينديون ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ پاڻي، صحت، روڊ رستن ۽ تعليم سميت ٻين سمورن بنيادي مسئلن جي حل لاءِ فوري طور وڌيڪ ترقياتي ڪم پڻ ڪرايا ويندا. جڏهن ته بجلي اچڻ سان ٽنهي ڳوٺن جي رهواسين جي روزمره جي زندگي، ٻارن جي تعليم ۽ ڪاروبار ۾ وڏي سهولت ملڻ سان گڏ ترقيءَ جا نوان موقعا پڻ پيدا ٿيندا. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته بجليءَ جي سهولت سندن ڏهاڙن پراڻي ۽ اهم گهرج هئي جيڪا اڄ پوري ٿي آهي. ۽ تقريب جي پڄاڻي تي ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو ۽ ساڻس گڏ آيل مهمانن ۽ ڳوٺاڻن گڏجي بجليءَ جي فراهمي جو باقاعده افتتاح ڪيو

بقايا عوامي سوچ 13

هتي، هر حال ۾ مالڪي جو اعلان. ٺٽي جي مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ مقامي ماڻهن کي سندن جائز حق ڏيارڻ لاءِ نوجوان ملڪ نواز جوکيو پاران ڊي سي آفيس جي گيٽ تي جاري احتجاجي ويهڪ کي اڄ 28 ڏينهن مڪمل ٿي ويا. ان موقعي تي جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي، ضلعي قيادت غلام نبي کٽي، مالڪ بروهي، لاڙ ڊويزن جي اڳواڻ نظام الدين جوکيو، انور جاکرو ۽ ٻين ساٿين احتجاجي ڪيمپ تي پهچي ملڪ نواز جوکيو سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي چيو ته ٺٽي جي نوجوانن جو روزگار جو مطالبو جائز آهي. مقامي نوجوانن کي روزگار جي موقعن ۾ نظرانداز ڪرڻ ڪنهن به صورت قبول نه ڪيو ويندو. هن چيو ته ”اسين ملڪ نواز جوکيو ۽ ٺٽي جي نوجوانن جي هر حال ۾ مالڪي ڪنداسين ۽ سندن حقن لاءِ آواز اٿارينداسين.“ جسقم اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ٺٽي ضلعي ۾ قائم سرڪاري توڙي نجي ادارن، ونڊ انرجي منصوبن ۽ ٻين ترقياتي منصوبن ۾ مقامي نوجوانن لاءِ روزگار جا مناسب موقعا پيدا ڪري ڪين سندن جائز حق ڏنو وڃي ۽ روزگار جي ورڇ ۾ مقامي ماڻهن کي اوليت ڏني وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

واز اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي.اهڙو اظهار سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو،علمي ادبي شخصيتن منير ميمڻ،غلام نبي زئور،حسن رند،سيد غلام محمد شاهه لکياري،سلطان قادر ٿهيم ،جي ايم ٿهيم ۽ ٻين لاڙيٽيءَ جي سڃاڻ عورت شاعره ۽ ليکڪ آپا عزيزه حنا عباسيءَ جي پهرين ورسي جي موقعي تي ڪيس لفظن جي گلابن سان عظمت ڀريو خراج پيش ڪندي ڪيو .هنن وڌيڪ چيو ته عزيزه حنا عباسي لاڙيٽيءَ خاص طور ٺٽي ضلعي جي علمي، ادبي ۽ سماجي ڪيتر ۾ تمام گهڻيون شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون،پنهنجي تحريرن،تقريرن توڙي عمل سان عام ماڻهن توڙي عورتن ۽ شاگردن ۾ علمي، ادبي ،سماجي ۽ مظلوم دوست شعور بيدار ڪرڻ جي ڀرپور ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي،سندس لاڏاڻي سان علمي ادبي ڪيتر جوتمام وڏو نقصان ٿيو آهي جنهن جو ازالو ويجهي مستقبل ۾ ممڪن ناهي،اڳواڻن چيو ته دعاگو آهيون ته رب پاڪ ادي عزيزه حنا عباسيءَ کي جنت الفردوس ۾ اعلا مقام عطا فرمائي آمين

بقايا عوامي سوچ 15

شنر ٺٽو سرمد علي ياڳت جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ هاري ڪارڊ جي اجرا ۽ آبادگارن کي هن سهولت جي فراهمي بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر Iiوليد احمد ڏاوچ ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن سليم جوکيو سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ضلعي ٺٽي ۾ هاري ڪارڊ جي اجرا جي عمل، آبادگارن جي رجسٽريشن ۽ کين سهولتون فراهم ڪرڻ بابت پيسرفتجو جائزو ورتو ويو. جڏهن ته ان عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ مختلف معاملن تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ياڳت چيو ته هاري ڪارڊ سنڌ حڪومت پاران آبادگارن جي ڀلائي ۽ کين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي، تنهن ڪري ان جا فائدا حقيقي ۽ حقدار آبادگارن تائين پهچائڻ ضروري آهي. هن چيو ته هاري ڪارڊ جي اجرا واري عمل ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ آبادگارن کي غير ضروري پريشانين کان بچائڻ لاءِ سمورا ممڪن قدم کنيا وڃن. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هاري ڪارڊ بابت مقرر ڪيل ايس او پيز تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻائيندي سمورا مرحلا شفاف، اثرائتا ۽ بروقت مڪمل ڪيا وڃن. جڏهن ته آبادگارن جي رهنمائي ۽ کين ضروري معلومات فراهم ڪرڻ تي پڻ خاص ڌيان ڏنو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميا ۽ زراعت کاتي جا آفيسر باهمي رابطي سان هن عمل کي وڌيڪ بهتر بڻائين، جيئن وڌ کان وڌ حقدار آبادگار هاري ڪارڊ جي سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 16

سپتال جي ايمرجنسي وارڊ، ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جي مردن ۽ عورتن ايمرجنسي وارڊ جو پڻ اوچتو دورو ڪيو. ان موقعي تي ايڊيشنل ڪمشنر ٽو افشان شيخ، ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نديم احمد بلوچ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ميرپورخاص ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ڊاڪٽر همجي چوهاڻ، ڊاڪٽر ماجد خان، ڊاڪٽر غلام محمد ٻگهيو ۽ ٻيا آفيسر ساڻس گڏ هئا. دوري دوران ڪمشنر شهمير پٽو کي ٻڌايو ويو ته ڊويزنل ۽ ضلعي انتظاميا جي ڪوشش سان ڊائلاسز سينٽر ۾ دوائن جي فراهمي ۽ ٻيا مسئلا حل ٿي رهيا آهن. جنهن جي ڪري ڊائلسز سينٽر بهتري طرف وڏي رهيو آهي. دوري دوران ٻڌايو ويو ته ڊائلاسز سينٽر کي ڊائلائيزر ري پروسيسنگ مشين جي ضرورت آهي، جنهن تي ڪمشنر شهمير پٽو يقين ڏياريو ته ڊائلاسز ري پروسيسنگ مشين فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. ان کان پوءِ ڪمشنر شهمير پٽو گائني وارڊ ۽ ايمرجنسي وارڊ جو به دورو ڪيو ۽ گائني وارڊ کي بهتر بڻائڻ ۽ عورتن جي پيچيده بيمارين جو بهتر طريقي سان علاج ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. اهڙي طرح پراڻي سول اسپتال ميرپورخاص جي ايمرجنسي وارڊ ۾ ڊاڪٽرن کي ڊيوٽي تي رکڻ جي پڻ هدايت ڪئي. ان کان علاوه ڪمشنر شهمير پٽو ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جي مردن ۽ عورتن واري ايمرجنسي وارڊ جو به دورو ڪيو ۽ ۽ اسپتال انتظاميه کي اسپتال ۾ صفائي سترائي ، دوائن جي فراهمي ۽ بهتر علاج فراهم ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون.

بقايا عوامي سوچ 17

لاءِ هڪ ڪميٽي قائم. ميرپورخاص رينج ۾ پوليس ڪانسٽيبلن BPS_07 جي ڀرتي ۾ اهم پيش رفت ٿي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ ميرپورخاص جي حڪمن جي روشني ۾، سنڌ پوليس درخواست ڏيندڙن سميت سيني لاڳاپيل اميدوارن جي اميدوارن ۽ ڀرتي جي رڪارڊ جي ٻيهر جانچ لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. سنڌ پوليس جي اسٽيبلشمينٽ ڊپارٽمينٽ پاران ڊي آءِ جي پوليس ميرپورخاص رينج کي جاري ڪيل خط موجب، ڄاڻايل ڪميٽي آءِ جي سنڌ جي نگراني ۾ ڪم ڪندي ۽ پوليس ڪانسٽيبلن جي ڀرتي جي عمل سان لاڳاپيل اميدوارن جي رڪارڊ ۽ اميدوارن جو جائزو وٺندي. خط ۾ چيو ويو آهي ته ڪميٽي عدالت ۾ داخل درخواستن دوران اٿاريل مسئلن ۽ اعتراضن جو به جائزو وٺندي. جڏهن ته سيني معاملن جو جائزو لاڳو ڀرتي پاليسي، لاڳاپيل قاعدن ۽ ضابطن ۽ SPD_01/2024جي روشني ۾ ورتو ويندو. عدالتي حڪمن کان پوءِ، ميرپورخاص رينج ۾ پوليس ڪانسٽيبل جي ڀرتي لاءِ اميدوارن جون نظرون ڪميٽي پاران ڪيل جاچ ۽ ان جي سفارشن تي مرڪوز آهن. جڏهن ته، ڀرتي جي معاملي تي آخري فيصلو ڪميٽي پاران مجاز اختيارين پاران ڪيل جاچ، سفارشن ۽ وڌيڪ قدمن کان پوءِ ئي سامهون ايندو.

بقايا عوامي سوچ 18

وليس پاران منشيات فروشن ۽ گٽڪا مائوا وڪرو ڪندڙن خلاف مختلف ڪارروايون ڪري 6 گٽڪا فروشن سميت 13 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جن جي قبضي مان 885 پڙيون گٽڪا مائوا، هڪ شهزور پڪ اپ، 125 بيگس ڏيهي شراب ۽ 503 گرام چرس هٿ ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او ٽاٽو ٺٽو انسپيڪٽر رياض حسين سومرو، پوليس پوسٽ ٺٽو جي انچارج سب انسپيڪٽر راجا ظفر راجپوت ۽ پوليس پوسٽ بگهاڙ موري جي انچارج سب انسپيڪٽر محمد حسن پٽافي جي اڳواڻي ۾ پوليس شهر ٺٽو ۾ ڪارروايون ڪندي علي اڪبر عرف ڪالي ولد دجهال خاصخيلي کي 503 گرام چرس، جڏهن ته وقار محمد هاشم گهرانو، عارف ولد خدا بخش کهاوڙ، لالا عرف عرس ملاح ۽ رياض ولد صوفن ملاح کي 70 بيگس ڏيهي شراب سميت گرفتار ڪيو. پوليس وڌيڪ ٻن گٽڪا فروشن سجاد عرف سڄو ولد گل حسن ڏائيو ۽ خدا بخش ولد ابراهيم ملاح کي 205 پڙين گٽڪا مائوا سميت گرفتار ڪيو ٻئي طرف ايس ايڇ او ٽاٽو مڪلي انسپيڪٽر محمد جمن ڪوسو، پوليس پوسٽ جنگشاهي ۽ پوليس پوسٽ ترڪش ڪالوني جي عملي ڪارروائي ڪندي عالم ولد شفيع محمد جوکيو ۽ نواب ولد علي محمد هالو کي 55 بيگس ڏيهي شراب سميت گرفتار ڪيو. جڏهن ته گمشاد علي ولد غلام قادر خاصخيلي ۽ عبدالشڪور ولد شير محمد هنگورو کي 120 پڙين گٽڪا مائوا سميت گرفتار ڪيو.ان کان علاوه ٽاٽو ڏاهبيجي ۽ جهرڪ پوليس پڻ ڪارروايون ڪندي اقبال ولد محمد حسن ڪلمتي کي 360 پڙين گٽڪا مائوا، جڏهن ته يوسف ولد رمضان ٿوبو کي 200 پڙين گٽڪا مائوا ۽ هڪ شهزور پڪ اپ سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، ناركوٽڪس ايڪٽ ۽ منشيات آرڊيننس تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 19

کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. تفصيل موجب، ميرپورخاص ۾ يو بي ايل مين برانچ جي اي ٽي ايم جي مسلسل خرابي سبب گراهڪن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. شهرين موجب، ڄاڻايل اي ٽي ايم ڊگهي عرصي کان مختلف ٽيڪنيڪل مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪڏهن سرور ڊائون هوندو آهي، ڪڏهن مشين هينگ ٿي ويندي آهي ۽ هاٽي کي پيڊ ڪم نه ڪرڻ سبب گراهڪن کي پنهنجا پئسا ڪڍڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. گراهڪن جو چوڻ آهي ته اي ٽي ايم جي خرابي سبب، خاص طور تي شهر کان ٻاهر ايندڙ ماڻهن ۽ هنگامي حالتن ۾ فوري طور تي پئسن جي ضرورت رکندڙ شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. شهرين موجب، مسئلو ڪيترائي ڀيرا اٿارڻ جي باوجود، اي ٽي ايم کي باقاعدي طور تي فعال بڻائڻ لاءِ ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو پيو وڃي. شهرين اها به شڪايت ڪئي آهي ته لاڳاپيل عملو اي ٽي ايم سان لاڳاپيل مسئلن تي صارفين کي گهربل مدد فراهم نٿو ڪري. جڏهن ته خراب مشين جي بروقت مرمت يا تبديلي نه ڪئي پئي وڃي. شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اي ٽي ايم ۾ مسلسل ٽيڪنيڪل مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن ته بينڪ انتظاميا کي لاڳاپيل اداري سان رابطو ڪرڻ گهرجي ۽ فوري طور تي مشين جي مرمت يا تبديلي جو بندوبست ڪرڻ گهرجي ته جيئن گراهڪن کي پنهنجن پئسن تائين رسائي ۾ ڏکيائي نه ٿئي. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته يو بي ايل جي اعليٰ انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين ميرپورخاص مين برانچ جي اي ٽي ايم جي مسلسل خرابي جو فوري طور تي نوٽيس وٺن ۽ مشين کي فعال ۽ قابل استعمال بڻايو وڃي، جڏهن ته گراهڪن سان غير تعاون جي شڪايتن جو به جائزو ورتو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 20

طور غربت ۽ گهريلو مسئلن کان تنگ ٿي گهر جي ڪمري ۾ پکي سان رسو ٻڌي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، واقعي ڪانپوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. ٻئي طرف دادو ويجهو جهلو ٽاڻي جي حد ۾ نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ آيو. اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او اعجاز علي پنهور پوليس نفري سان گڏ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو. پوليس جي جاچ دوران فوتي جي سڃاڻپ سيال بند جو رهواسي محمد حسين ولد محمد ايوب ڪنير طور ٿي آهي، فوتي جي ڀاءُ صلاح الدين ڪنير ڀاءُ ٻڌايو ته ڀاءُ کي مرگهي هئي دوري سبب فوت ٿي ويو آهي. اسان کابه ڪارروائي ڪرڻ نه ٿا چاهيون. پوليس پاران وارثن سان رابطو ڪري واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. هوڏانهن بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چاٽو شاهه آباد ۾ نوجوان ناري رابعا ڌيءَ نظر چانديو مبينا طور والدين سان ناراضگي بعد بيٽري جو پاڻي پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ناري کي بيهوشي واري حالت ۾ ڊي ايڇ او اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن بروقت علاج ڪري سندس حياتي بچائي ورتي آهي.

بقايا عوامي سوچ 21

خلاف ٽئين ڏينهن به بک هڙتال جاري رکي انهي موقعي تي استاد اڳواڻن ضلع صدر محمد سليم ميمڻ ، سينئر نائب صدر محمد بخش لغاري، نائب صدر طاهر پرڳڙي، جنرل سيڪريٽري سيد حسن شاه ، ڊ ج سيڪريٽري گل محمد ميمڻ ، ج سيڪريٽري ٽاهيد آريسر ، پ ٽ الف سٽي صدر خالد رستماڻي ، سٽي جنرل سيڪريٽري شڪيل احمد ميمڻ ۽ ٻين استادن وڏي انگ ۾ علامتي بک هڙتال ۾ شرڪت ڪئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته 2024 ۾ پرائمري ٽيچرن سان پروموشن ۾ زيادتيون ڪيون ويون آهن اسان استادن جا مڪمل ضروري ڪوائف فارملٽيون پوريون ڪري ڊي او آفيس پهچايون هيون پر جن استادن جو حق هو انهن جا حق ماري ٻين ماڻهن جا پروموشن ڪيا ويا جيڪي مرحليوار ترتيبوار حقدار نه هئا شايد رشوت عيوض ڪيا ويا هئا جن جون واضع لسٽون پڻ ظاهر نه ڪيون ويون آهن هن وقت ٻاسان جي پرائمري استادن جا حق نه ڏئي رهيا آهن جنهن لاءِ اسان مسلسل بل هڙتال تي ويٺل آهيون جيڪڏهن پرائمري استادن جا جائز حق نه ڏنا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو استادن جو چوڻ هو ته ڊي او ايجوڪيشن جي زميداري آهي مرحليوار استادن جا ڪم ڪري سيٽون خالي ٿين ٿيون ته فورن انهن سينئر استادن کي پروموٽ ڪري اپ گريڊ ڪري پر ڊي او ايجوڪيشن جو استادن سان سهڪار نه آهي پنهنجو ڪم زميداري سان نٿا ڪن ان جوئي نتيجو آهي اسان اڄ پنهنجي حقن لاءِ بک هڙتال تي ويٺا آهيون آفيس وارا ڪم بهتر بنائن ته اسان کي بک هڙتال تي ويهڻ جو ڪوبه شوق نه آهي پرائمري استادن بي ايڊ ايم ايڊ پڻ ڪيل آهن پر انهن کي سينئارٽي بنياد تي پروموٽ نٿو ڪيو وڃي جڏهن ته سيٽون به خالي آهي هن وقت ڳالهيون هلي رهيو آهن جيڪڏهن مطالبا نه مڃيا ويا حق نه ڏنا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 22

هن چيو ته منهنجي مڙس جو ٻي عورت سان ناجائز لاڳاپا هئا مون مڙس کي ان عورت سان گڏ پڪڙيو هو ان بعد مان گهران ڪاوڙجي پنهنجي والدين جي گهر رهندي آهيان مسڪان انصاري چيو ته منهنجو مڙس منهنجي والدين جي گهر ۾ گهڙي سخت تشدد ڪيو آهي مون کي زخمي ڪري ڇڏيو اٿس مان مڙس خلاف ايف آئي آر داخل ڪرائيندس مسمات مسڪان اسد پٺاڻ اسان جي گهر ۾ گهڙي منهنجي پيٽ کي رتورت ڪري ڇڏيو آهي پوليس پهتي آهي اسان کي انصاف کپي متاثر عورت جو ڀاءُ عامر رشيد مسڪان انصاري کي ڌڪ لڳل آهن جيڪڏهن ڪيس داخل ڪرائيندي ته اسان ڪيس داخل ڪندا سين ايس ايڇ او وومين ارم رند

بقايا عوامي سوچ 23

وي لاڪ ۾ اڪرم بروهي ڀاءُ منهنجي ننڍي پٽ سان بتميزي ڪئي مان انهي جي ڀاءُ اڪرم کي دانهن ڏني ته انهي مون سان منهن ماري ڪئي، منهن ماري ڪئي پئي ته اڪرم جو پي شير محمد عرف شيرو نڪتو، ۽ هن به مون سان بتميزي ڪئي، انهي تان شير محمد بروهي لوهي شيخ کڻي آيو ۽ مون تي زور سان وار ڪيو ۽ مان شديد زخمي ٿي پيس، زخمي حالت ۾ مون کي پنهنجا عزيز سيوهڻ ٿاڻي تي وني ويا،سيوهڻ ٿاڻي تان ليٽر وني مون کي سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو، گهاءِ تمام گهرو هئوءِ ڊاڪٽرن مون کي مٿي ۾ 8 ٽاڪا هڻيان. منهنجورت تمام گهٽو وڻيو، مون سان تمام ناانصافي ٿي آهي مان ايس ايس پي جامشورو، اي ايس پي سيوهڻ ۽ ايس ايڇ او سيوهڻ کي اپيل ٿو ڪيان ته منهنجي جان کي هنن مان خطرو آهي مون کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ هنن کي گرفتار ڪيو وڃي، ۽ مون کي ڪڏهن به ڪجھ ٿيو ته انهي جا ذميوار شير محمد بروهي ۽ انهي جا پٽ هوندا ۽ هي اپيل منهنجي رڪاڊ تي رکي وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 24

ن ايم او يو تي اربع تي صحيحون ڪيون ويون. هن ايم او يو جو مقصد گڏيل سائنسي ترقي ذريعي ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي شاگردن کي بهتر تحقيق جا موقعا ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. ايم او يو تحت، يوايم انٽرپرائزز ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرن جي تحقيقي منصوبن لاءِ مالي مدد فراهم ڪندو، ته جيئن اهي پنهنجا تحقيقي منصوبا موثر طريقي سان مڪمل ڪري سگهن. ان کان علاوه، ڪراچي يونيورسٽي جي فزيالاجي ڊپارٽمينٽ (پولٽري سائنس پروگرام) ۽ يو ايم انٽرپرائزز گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ گڏيل تحقيقي سرگرميون، ٽيڪنيڪل صلاحيتن جي تبادلي ۽ سائنسي معلومات شروع ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ، ڪراچي يونيورسٽي جي آفيس آف انوويشن، ريسرچ ۽ ڪمرشلائيزيشن جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر نعيم خان ۽ يوايم انٽرپرائزز جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر لياقت ملڪ، ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ ايم او يو جي دستاويزن تي صحيحون ڪيون. هي ايم او يو ڪراچي يونيورسٽي ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرن لاءِ تحقيقي سهولتون وڌائڻ، تعليمي ۽ سائنسي تعاون کي فروغ ڏيڻ ۽ جديد تحقيق لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ جي طرف هڪ اهم قدم آهي. ان دوران، يوايم انٽرپرائزز جي نمائندي محمد سميع چيو ته خاص طور تي ڪراچي ۾ پولٽري انڊسٽري کي اهڙي قسم جي سهڪار ۽ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ گهرجي، ته جيئن مستقبل ۾ صنعت کي درپيش چئلينجن ۽ مسئلن جو موثر حل ڳولي سگهجي ۽ شعبي جي ترقي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. فزيالاجي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر تاثير احمد خان چيو ته صنعت ۽ تعليمي ادارن جي وچ ۾ هن قسم جو تعاون نه رڳو پولٽري انڊسٽري لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو پر نئين نسل، خاص طور تي شاگردن کي عملي تربيت جا موقعا پڻ فراهم ڪندو ته جيئن اهي پنهنجي تعليم دوران لاڳاپيل صنعت جي عملي گهرجن، جديد طريقن ۽ فيلڊ سان لاڳاپيل معلومات کان آگاهه ٿي سگهن

بقايا عوامي سوچ 25

پيٽرول جي سري عام وڪري جو سلسلو جاري هجڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. جڏهن ته اڳوٽي اسسٽنٽ ڪمشنر حسنين رضا ميمڻ جي دور ۾ ڪارروائي ڪري سيل ڪيل مبينا غير قانوني پيٽرول يونٽن جي اوچتو ٻيهر کولڻ واري معاملي تي پڻ سوال اٿڻ لڳا آهن. ذريعن موجب اڳوٽي اي سي حسنين رضا ميمڻ جي نگراني ۾ ڪوٽڙي سٽي ۽ سائيٽ ايريا ۾ مبينا غير قانوني پيٽرول وڪرو ڪندڙ هنڌن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي هئي ۽ ڪجھ يونٽن کي سيل پڻ ڪيو ويو هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪارروائي ڪانپوءِ سيل ٿيل انهن يونٽن مان ڪجھ هنڌن تي ٻيهر مبينا طور پيٽرول جي وڪري جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. ذريعن موجب نئين مقرر ٿيل اسسٽنٽ ڪمشنر شڪور جي اچڻ ڪانپوءِ به معاملو انتظاميا جي نوٽيس ۾ آڻڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. تنهن هوندي به سيل ٿيل يونٽن جي ٻيهر کولڻ بابت واضح صورتحال سامهون نه اچي سگهي آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڄاڻايل يونٽ واقعي سرڪاري طور سيل ڪيا ويا هئا ته پوءِ انهن کي ٻيهر کولڻ جي اجازت ڪنهن ڏني ۽ ڪهڙي قانوني طريقيڪار تحت انهن هنڌن تي ٻيهر ڪاروبار شروع ٿيو. ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي. شهرين ۽ سماجي اڳواڻن ضلعي انتظاميا، سول انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪوٽڙي سٽي ۽ سائيٽ ايريا ۾ مبينا غير قانوني پيٽرول جي وڪري خلاف جامع آپريشن ڪيو وڃي. اڳ ۾ سيل ڪيل يونٽن جي ٻيهر کولڻ بابت رڪارڊ چيڪ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن قانوني خلاف ورزي يا غفلت جا ثبوت سامهون اچن ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. واضح رهي ته غير قانوني پيٽرول جي وڪري بابت لڳايل الزامن جي آزادانه تصديق ضروري آهي. جڏهن ته انتظاميا ۽ لاڳاپيل ذرين جو موقف سامهون اچڻ بعد ئي معاملي جي حتمي حقيقت واضح ٿي سگهندي.

بقايا عوامي سوچ 26

مختلف منع ٿيل وڻن جي واڍي ڪري ڪاٺ سان ڀريل گاڏيون مبينا طور رات جي وقت مختلف رستن کان ونگو موڙ طرف روانيون ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. باخبر ذريعن موجب، وائلڊ لائيف کاتي جا عملدار ۽ فاريسٽ کاتي سان لاڳاپيل اهلڪار تي الزام آهن ته هو في گاڏي تي مبينا طور ڀتو وصول ڪراس ڪرائين ٿا. ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ونگو موڙ تي مبينا طور ڪجھ پرائيويٽ ماڻهو مقرر ٿيل آهن، جيڪي ٿرپارڪر جي مختلف علائقن مان ڪاٺ، لاهه ۽ ٻين ڪاٺين سان ڀريل گاڏين کان مبينا طور في گاڏي ڀتو وصول ڪن ٿا. جنهن کان پوءِ اهي گاڏيون ڪراچي طرف روانيون ٿين ٿيون. مقامي رهواسين مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل اعليٰ اختيارين معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائين. هنن چيو ته جيڪڏهن جاچ دوران الزام ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. واضح رهي ته متيان الزام ذريعن ۽ مقامي ماڻهن جي دعوائن تي ٻڌل آهي. جڏهن ته اهڙيون تصويرون سوشل ميڊيا تي پڻ هلندڙ آهن.

بقايا عوامي سوچ 27

بند ٿيڻ سبب پپري پمپنگ اسٽيشن جي بجلي مڪمل طور تي معطل ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ پپري پمپنگ اسٽيشن تان شهر کي پاڻي جي فراهمي عارضي طور متاثر ٿي. ترجمان ٻڌايو ته ڪي اليڪٽرڪ پاران منجهند 3 لڳي 30 منٽن تي پپري پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بحال ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ واٽر ڪارپوريشن پاران فوري طور پاڻي جي فراهمي ٻيهر شروع ڪئي وئي. ترجمان موجب تقريباً ساڍي چئن ڪلاڪن ڪانپوءِ بجلي بحال ٿيڻ سان ئي پپري پمپنگ اسٽيشن تان شهر کي پاڻي جي فراهمي معمول موجب جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 28

ش ثقل صرف هڪ قوت ناهي پر خلا ۽ وقت جي وکر جو نتيجو آهي. وڏيون شيون خلا ۽ وقت کي پنهنجي چوڌاري موڙينديون آهن، جنهن جي ڪري ٻيون شيون انهن جي اثر هيٺ حرڪت ۾ اينديون آهن. انهن خيالن جو اظهار هن ڪراچي يونيورسٽي جي چائنيز ٽيچرز ميموريل آڊيٽوريم ۾ آفيس آف ريسرچ، انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن پاران ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي فزڪس ڊپارٽمينٽ ۽ انسٽيٽيوٽ آف اسپيس سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي تعاون سان منعقد ڪيل ڊسٽنگوئشڊ ليڪچر سيريزجي هڪ خاص ليڪچر دوران ڪيو. " ڪوانٽم شور ۽ افراتفري کان ٻاهر ڪائنات جي آواز کي ٻڌڻ" " توهان خطاب ڪندي چا چيو؟ پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا چيو ته هڪ وڏي فلڪياتي جسم جي حرڪت يا وائبريشن خلاء ۽ وقت ۾ لهرون پيدا ڪري سگهي ٿي، جن کي ڪشش ثقل جون لهرون چيو ويندو آهي. جيتوٽيڪ آئن اسٽائن نظرياتي طور تي انهن لهرن جي وجود جي اڳڪٿي ڪئي هئي، پر انهن جي انتهائي ڪمزوري جي ڪري انهن جي سڌي ماپ سائنسدانن لاءِ ڏهاڪن تائين هڪ وڏو چئلينج رهي. هن چيو ته بليڪ هولز ۽ نيوٽران تارن جي مشاهدي ۽ تحقيق ثقلي لهرن جي مطالعي کي هڪ نئون طول و عرض فراهم ڪيو، چاڪاڻ ته اهي انتهائي ڳرا فلڪياتي شيون هڪ ٻئي جي مدار ۾ گردش ڪرڻ وقت طاقتور ثقلي لهرون خارج ڪري سگهن ٿيون. پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا پنهنجي پي ايڇ ڊي سپروائيزر ۽ ممتاز سائنسدان پروفيسر رينر ويس جي مدد لاءِ شڪريو ادا ڪيو (رينر ويس) جي خدمتن جو ذڪر ڪندي، هن چيو ته 1970 جي ڏهاڪي ۾، هن تمام ننڍين تبديلين کي ماپڻ لاءِ حساس ڊيٽيڪٽر تيار ڪرڻ جو خيال پيش ڪيو، جيڪو بعد ۾ جديد ڪشش ثقل جي لهرن جي ماپ جي نظام جو بنياد بڻجي ويو. اهي LIGOجو مطلب آهي ليزر انٽرفيروميٽر گريويٽيشنل_ويو آبزرويٽري هن منصوبي جي قيام ۽ ان جي بنيادي سائنسي اصولن جي وضاحت ڪندي چيو ته منصوبي جو مقصد انتهائي حساس انٽرفيروميٽر ذريعي خلاءِ وقت ۾ ثقلي لهرن جي ڪري ٿيندڙ تمام ننڍين تبديلين کي رڪارڊ ڪرڻ آهي. هن مقصد لاءِ ڊيٽيڪٽرن جي هٿن کي ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تائين وڌايو ويو ته جيئن ننڍين تبديلين کي به ماپي سگهجي. هن چيو ته ثقلي لهرن جي ڪري ٿيندڙ تبديليون ايتريون معمولي آهن جوانهن جي شدت انساني تخيل کان تمام گهٽ آهي. LIGO ۾ تقريباً چار ڪلوميٽر ڊگهو آهي آئينن جي وچ ۾ فاصلي ۾ ننڍيون ننڍيون تبديليون _Lشڪل واري انٽرفيروميٽر ۽ هڪ انتهائي حساس ليزر سسٽم استعمال ڪندي معلوم ڪيون وينديون آهن. آمريڪي رياستن واشنگٽن ۽ لوزيانا ۾ ٻڌل آهي. ٻئي LIGOرصدگاهه هن مقصد لاءِ جديد سائنسي ٽيڪنالاجي استعمال ڪن ٿيون. پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا چيو ته ليگو جي قابل ذڪر سائنسي ڪاميابي ماحولياتي وائبريشن، شور ۽ بين خلل جي باوجود، خلاءِ وقت ۾ ناقابل يقين حد تائين ننڍين تبديلين کي ڳولڻ ۽ ماپڻ جي صلاحيت آهي. هن چيو ته ليگوانساني سائنسي ڳولا، جديد ٽيڪنالاجي، ۽ غير معمولي تجرباتي حساسيت جو هڪ قابل ذڪر مثال آهي، جنهن ڪائنات ۾ ثقلي لهرن جو سڌو سنئون مشاهدو عملي طور تي ممڪن بڻايو. هن وڌيڪ چيو ته LIGO آئيني جي معمولي حرڪتن کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ جديد ۽ انتهائي حساس سائنسي ٽيڪنڪ استعمال ڪري ٿو اهڙن ننڍن فاصلن کي ماپڻ لاءِ ليزر لائيٽ کي ماپ جي معيار طور استعمال ڪيو ويندو آهي. ليگو ۾ 1064 نانو ميٽر جي طول موج سان انتهائي مستحڪم ۽ گهٽ شور وارا ليزر استعمال ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته وڏي تعداد ۾ فوٽون مان حاصل ڪيل سراسري ماپن سان درستگي وڌيڪ وڌي ويندي آهي. انهن سيني ٽيڪنيڪل سسٽم جو ميلاپ آهي LIGOکي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ حساس ثقلي لهرن جي ڊيٽيڪٽرن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا چيو ته ليگو دنيا جي ڪشش ثقل جي لهرن جي مشاهدي جي هڪ وسيع سائنسي نيٽ ورڪ جو حصو آهي، جنهن ۾ يورپ جي ورگو به شامل آهي. جاپان مان ڊيٽيڪٽر ۽ گريويٽيشنل ويج ڊيٽيڪٽر، جن ۾ هندستان ۾ قائم ڪيل شامل آهن LIGO ڊيٽيڪٽر ڪوششون شامل آهن. هن چيو ته LISA کي خلا ۾ ثقلي لهرن جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. اهو منصوبو پڻ ترقي هيٺ آهي، جنهن جو لانچ ٽارگيٽ 2035 تائين مقرر ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ثقلي لهرن کي ماپڻ جو هي عالمي سائنسي سفر ڏهاڪن جي تحقيق، تجربن ۽ مسلسل محنت جو نتيجو آهي. جيڪو عملي طور تي 1970 جي ڏهاڪي ۾ رائنر ويس ۽ ٻين سائنسدانن جي شروعاتي ڪوششن سان شروع ٿيو هو آخرڪار، 2015 ۾، سائنسدانن پهريون ڀيرو ثقلي لهرن جا سڌي طرح سگنل رڪارڊ ڪيا . جديد فزڪس ۾ هڪ تاريخي سنگ ميل جي نشاندهي ڪئي ۽ ڪائنات ۾ ٿيندڙ سڀ کان وڌيڪ طاقتور فلڪياتي واقعن جي مطالعي لاءِ هڪ نئون رستو کوليو. پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا وضاحت ڪئي ته جڏهن بليڪ هول ۽ نيوٽران تارا هڪ ٻئي جي چوڌاري گردش ڪن ٿا. ته اهي ڪشش ثقل جون لهرون خارج ڪن ٿا. انهن لهرن ذريعي، نظام جي مداري توانائي مسلسل خارج ٿيندي رهي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ اهي فلڪياتي شيون آهستي آهستي هڪ ٻئي جي ويجهو اچن ٿيون ۽ آخرڪار ٽڪرائجي ۽ ضم ٿي وڃن ٿيون. هن چيو ته LIGOپاران تقريبن ٻن بليڪ هولز جو ميلاپ، هر هڪ جووزن سج کان تقريباً 30 ڀيرا وڌيڪ هو، 1.2 ارب نوري سالن جي مفاصلي تي ڏٺو ويو. انهن جي مطابق، جيئن ئي ٻه بليڪ هولز هڪ ٻئي جي ويجهو اچن ٿا، انهن جي گردش جي رفتار، فريڪوئنسي ۽ ڪشش ثقل جي لهرن جي شدت مسلسل وڌي ٿي. جڏهن ته ڪشش ثقل جي لهرن جو سگنل ضم ٿيڻ جي صحيح وقت تي پنهنجي وڌ ۾ وڌ شدت تائين پهچي ٿو. هن چيو ته ثقلي لهرن جي مشاهدي سائنسدانن کي ڪائنات ۾ موجود طاقتور ترين واقعن جو مطالعو ڪرڻ جو هڪ منفرد ذريعو فراهم ڪيو آهي جن کي روايتي دوربين ذريعي سڌو سنئون ڏسڻ ممڪن ناهي. هي تحقيق ڪائنات، بليڪ هولز، نيوٽران تارن ۽ خلا ۽ وقت جي بنيادي بناوت کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 29

(ڪوٽ غلام محمد جو اهم اجلاس شاهه عبداللطيف ڀٽائي اسڪول ڪوٽ غلام محمد ۾ منعقد ٿيو، جنهن جي صدارت APSMAريجنل صدر فيصل خان زئي، سرپرستِ اعليٰ ميڊم نبيلا ناز ۽ قانوني صلاحڪار ڪوٽ غلام محمد ايڊووڪيٽ شهيز عالم آرائين ڪئي. اجلاس دوران APSMAڪوٽ غلام محمد جي نئين باڊي جو باضابطہ اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي ميڊم نبيلا ناز ۽ ايڊووڪيٽ شهيز عالم آرائين نون ۽ پراڻن ميمبرن کي ڀليڪار ڪيو. جڏهن ته اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. اجلاس ۾ ميڊم نبيلا ناز آرائين کي سرپرستِ اعليٰ، محمد خالد آرائين کي صدر، رضا محمد ڪالرو کي سينيئر نائب صدر، ميڊم بشريٰ کي نائب صدر، نثار احمد خان قائم خاني کي جنرل سيڪريٽري، طلحه خان قائم خاني کي جوائنٽ سيڪريٽري، پريم چند پوراني کي انفارميشن سيڪريٽري ۽ عمران علي خاصخيلي کي فنانس سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان موقعي تي نون چونڊيل عهديدارن کي ميمبرن پاران دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته نئين باڊي خانگي تعليمي ادارن جي بهتري، اسڪول مئنيجمينٽ کي درپيش مسئلن جي حل ۽ تعليمي شعبي جي ترقي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. اجلاس ۾ خانگي تعليمي ادارن کي درپيش مختلف مسئلن، تعليمي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ APSMAجي پليٽ فارم کي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻائڻ بابت پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس جي آخر ۾ نون چونڊيل عهديدارن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 30

جي گهر جو گذر سفر ڪندي آهي. الزام لڳايو آهي ته 18 سيپٽمبر، جمعي ڏينهن ڪجھ عورتون سندس گهر پهتيون، ڪيس مبينا طور بيهوش ڪري سندس وٽ موجود لڳ ڀڳ 25 لک رپيا کڻي فرار ٿي ويون. متاثر عورت موجب ڪچيل رقم سندس ذاتي جمع پونجي نه هئي، پر ان ۾ ڪميٽي جا پئسا، ڪپڙا وڪرو ڪندڙن جا واجب الادا پئسا ۽ ڪجھ ٻين ماڻهن جون رکيل رقمون پڻ شامل هيون. جيڪي هوءَ پنهنجي ڪاروباري معاملن تحت سنڀالي رهي هئي. واقعي کان پوءِ متاثر بيواهه عورت وليس پاران اڃا تائين ڪا اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي. متاثر عورت جو چوڻ آهي ته هوءَ ڪپڙا وڪڻي پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندي آهي ۽ مبينا طور ڪچيل رقم ۾ ٻين ماڻهن جون رقمون پڻ شامل هجڻ سبب هوءَ سخت پريشاني ۽ ذهني اذيت کي منهن ڏئي رهي آهي. بيواهه عورت ۽ سندس وارثن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪئي وڃي، مبينا طور رقم کڻي ويندڙن جو پتو لڳايو وڃي ۽ متاثر عورت سميت ٻين رقم جمع ڪرائيندڙ ماڻهن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 31

ف مرتو مهر ۽ هزارو عرف هزار سعدخاناڻي جتوئي شامل آهن. جڏهن ته امام بخش سعدخاناڻي جتوئي زخمي ٿي پيو پوليس موجب مرتضىٰ عرف مرتو مهر موٽر سائيڪل جي ڏيتي ليتي واري معاملي تان سعدخاناڻي جتوئين جي اوطاق تي ويو، جتي مبينا منهن ماري کان پوءِ ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ ٿي. اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي مقتولن جا لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيا، جڏهن ته زخمي کي پڻ علاج لاءِ اسپتال پهچايو ويو.ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم موجب واقعو مهر جتوئي تڪرار جو نتيجو نه، پر موٽر سائيڪل ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٻن مبينه ڏوهاري گروپن وچ ۾ جهيڙي جو نتيجو آهي. ايس ايس پي موجب مارجي ويل مرتضىٰ مهر خلاف مختلف سنگين نوعيت جا 22 ڪيس داخل هئا، جڏهن ته هزارو سعدخاناڻي جتوئي خلاف پڻ ڪيترائي ڪيس داخل هئا. پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ اضافي قدم کنيا پيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 32

خواستگذار عبدالعزيز جي وڪيل طور سيف رحمان عرف سيفو ڪشميري خلاف درخواست جي پيروي ڪئي،جيڪو پوليس ڪانسٽيبل آهي. خلاف چيڪ ڊش آنر ٿيڻ بابت قانوني ڪارروائي ۽ FIRدرج ڪرڻ لاءِ هدايتون طلب ڪيون ويون هيون. عدالت جي حڪم موجب، ڏنل چيڪ رقم 22,00,00 رپيا جو هو، جيڪو بينڪ طرفان ڊش آنر ڪيو ويو. عدالت SHOپوليس اسٽيشن ماتلي کي هدايت ڪئي ته درخواستگذار جو بيان قلمبند ڪري، جيڪڏهن قابل دست اندازي جرم ظاهر ٿئي ته دفعہ 154 Cr.P.C تحت FIRدرج ڪري، ۽ قانون موجب وڌيڪ جاچ ڪئي وڃي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سجاول پرسان ڪارو ملاح ڳوٺ ۾ تعليم ۽ بنيادي سهولتن جو بحران

سجاول پرسان ڪارو ملاح ڳوٺ ۾ تعليم ۽ بنيادي سهولتن جو بحران، اسڪول سالن کان بند، ڇت تي مبينا قبضو، روڊ به خواب بڻيل

اسڪول جي عمارت جي ڇت ڪمزور ٿيڻ سان سوين معصوم ٻارڙن جي مستقبل ۽ زندگين بابت ڳڻتي وڌي وئي آهي

ڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ 150 ٻار تعليم کان محروم آهن، اسڪول ۾ مناسب فرنيچر موجود ناهي ۽ عمارت جي ڇت به زبون حال تي پهچي آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سجاول پرسان ڳوٺ ڪارو ملاح ۾ تعليم ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته سرڪاري پرائمري اسڪول سال 2003ع ۾ منظور ٿيڻ باوجود اڄ ڏينهن تائين فعال نه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪرِ ضلعي جي مختلف هنڌن جو دورو

جاري سيپٽمبر ايس اين آءِ ڊيز پوليو مهم جي سرگرمين، ٽيمن جي ڪارڪردگي ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن جي ڪوريج جو جائزو ورتو

ڊپٽي ڪمشنر آر ايڇ سي ڀٽ شاهه، يو سي ڀٽ شاهه ۾ پوليو ٽيم جي فيلڊ سرگرمين ۽ آر ايڇ سي/ٽي ايڇ ڪيو هالا جو دورو ڪيو

لاڳاپيل عملي کان مهم جي اڳڀرائي، ٽيمن جي مقرري ۽ ٻارن جي ڪوريج بابت بريفنگ ورتي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪرِ ضلعي جي مختلف هنڌن جو دورو ڪري جاري سيپٽمبر ايس اين آءِ ڊيز پوليو مهم جي سرگرمين، ٽيمن جي ڪارڪردگي ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون

6 ڳٽڪا وڪرو ڪندڙن سميت 7 منشيات فروش گرفتار، 13 جوابدار گرفتار

885 پڙيون ڳٽڪا ماوا، هڪ شهرزور پڪ اپ، 125 بيگ ديسي شراب ۽ 503 گرام چرس هٿ، جوابدارن خلاف ڪيس داخل

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 6 ڳٽڪا وڪرو ڪندڙن سميت 7 منشيات فروش گرفتار، 13 جوابدار گرفتار 885 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڳڙهي خيرو ۾ سرسو انچارج اعجاز جوڻيجو جي مبينه ڪرپشن خلاف تعلقي واسين جو ڏيا ٻاري احتجاج

21ئين ڏينهن به جاري، احتجاجي مظاهري دوران مظاهرين وچ ناڪي چوڪ تي ڏيا ٻاري روڊ ٻنهي پاسن کان بلاڪ ڪري ڇڏيو

قومي عوامي تحريڪ جي صدر جاويد علي جمالي، ڊاڪٽر اسرار احمد ڪوسو ۽ ٻين ڌرڻي کي خطاب

حڪومت جنهن غريب عوام لاءِ سولر سسٽم ۽ ٻيو سامان موڪليو هو، اها سهولت سرسو جا ڪرپٽ آفيسر ڳڙڪائي ويا آهن

ڳڙهي خيرو (رپورٽ مختيار ڏاهاڻي (ڳڙهي خيرو ۾ سرسو انچارج اعجاز جوڻيجو جي مبينه ڪرپشن خلاف تعلقي واسين جو ڏيا ٻاري احتجاج اڄ مسلسل 21ئين ڏينهن به جاري. احتجاجي مظاهري دوران مظاهرين وچ ناڪي چو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

جوهي جمالي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هاف فرائي ڪيل نويد ميراڻي جي وارثن جي پريس ڪانفرنس

جوهي جمالي ٿاڻي جي حد ۾ ٻه ڏينهن اڳ مبينا پوليس مقابلي دوران هاف فراءِ ڪيل نويد ميراڻي جي وارثن پاران جوهي جمالي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

جنهن دوران هنن پوليس مقابلي کي ڪوڙو ۽ جڙتو قرار ڏيندي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو

نويد ميراڻي جي امڙ، والد محمد بچل ميراڻي، هيڊ ماسٽر پرائمري اسڪول غلام مصطفيٰ ميراڻي ۽ محمد ابراهيم ميراڻي ۽ ٻين الزام

جوهي جمالي) رپورٽ شاهدحسيني (جوهي جمالي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هاف فرائي ڪيل نويد ميراڻي جي وارثن جي پريس ڪانفرنس. شفاف جاچ جو مطالبو. جوهي جمالي ٿاڻي جي حد ۾ ٻه ڏينهن اڳ مبينا پوليس مقابلي دوران هاف فراءِ ڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

وهڙ جمالي پريس ڪلب ضلعو سجاول

متي ۾ باءِ پاس تي خطرناڪ حادثو، نوجوان فوت

متي باءِ پاس تي ڪيڪڙي گاڏي ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ 22 ورهين جو ڏريدن ولد ڪرمون سگهروڙ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي نوجوان کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ٽينڪر ۽ تباهه ٿيل موٽرسائيڪل واقعي واري هنڌ تي موجود رهيا، جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

متي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) متي ۾ باءِ پاس تي خطرناڪ حادثو، نوجوان فوت متي باءِ پاس تي ڪيڪڙي گاڏي ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ 22 ورهين جو ڏريدن ولد ڪرمون سگهروڙ سخت زخمي ٿي پيو زخمي نوجوان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

موندر ناڪو دادو جي رهواسي حاجي مٺل ڪوسو ۽ پٽ منصور ڪوسو دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

سندس سس حوران ڪوسو ۽ مڙس ضمير ڪوسو گهر ۾ هٿيارن جي زور تي ٻانڌي بڻائي ڪيس تشدد ڪري پيءُ ۽ ڀاءُ خلاف ڪوڙا بيان ڏياري رهيا آهن

اسان کي خدشو آهي ته ڌيءُ کي قتل ڪري ڇڏيندا، زبردستي ڪيس ڏمڪايو پيو وڃي ته بيان پيءُ ۽ ڀاءُ خلاف ڏي نه ته توسميت تنهنجي ڀاءُ ۽ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏينداسين

اسان جي ڌي وٽ ٿيل آهي منهنجي ڌيءَ ريما ضمير ڪوسو کي ڏنل آهي ضمير جي ڀيڻ ريشمان منهنجي پٽ منصور ڪوسو کي ڏنل آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) موندر ناڪو دادو جي رهواسي حاجي مٺل ڪوسو ۽ پٽ منصور ڪوسو دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته منهنجي ڌيءَ ريما جيڪا ٻن ٻارڙن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪوٽ غلام محمد عوامي پريس ڪلب صدر نور محمد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ميٽنگ ٿي گزري

شهر ڪوٽ غلام محمد ۾ منشيات ۽ بنيادي مسيلن بابت آگاهي مهم ۾ سول سوسايٽي کي ڪوريج ڏيڻ سميت شهرين مسيلن کي اجاگر ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه

هلايي جنهن ايجنڊا پيش ڪيي جڏهن ته ميٽنگ ۾ ميمبرن عهديدارن شرڪت ڪيي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد عوامي پريس ڪلب صدر نور محمد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ميٽنگ ٿي گزري شهر ڪوٽ غلام محمد ۾ منشيات ۽ بنيادي مسيلن بابت آگاهي مهم ۾ سول سوسايٽي کي ڪوريج ڏيڻ سميت شهرين مسيلن کي اجاگر ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه جڏهن ته ميٽنگ ۾ جنرل سيڪريٽري جاويد احمد پرڳڙي ميٽنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو پاران ڳوٺ ڪرم علي جوکيو ۽ ڳوٺ غلام محمد جوکيو ۾ بجلي جي فراهمي جو افتتاح

ضلعي ڪاونسل ميمبر حسن علي پورو جوکيو وڏيرو محمد رحيم جوکيو ۽ گهارو جي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت

مقصود احمد جوکيو، مظفر جوکيو پاران ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو ۽ ٻين مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو ويو

جنگشاهي. (رپورٽر): گهارو ۾ جوکيا برادري جي قومي سردار ۽ ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو پاران ڳوٺ ڪرم علي جوکيو ۽ ڳوٺ غلام محمد جوکيو ۾ بجلي جي فراهمي جو افتتاح ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ گهارو ٽائون ڪمي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ميرپورخاص يو بي ايل مين برانچ جو اي ٽي ايم مسلسل خراب

جنهن جي ڪري گراهڪن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

يو بي ايل مين برانچ جي اي ٽي ايم جي مسلسل خرابي سبب گراهڪن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص يو بي ايل مين برانچ جو اي ٽي ايم مسلسل خراب ٿي رهيو آهي. جنهن جي ڪري گراهڪن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 6 ڳٽڪا فروشن سميت 13 جوابدار گرفتار، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ

ٺٽو پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڳٽڪا مائوا وڪرو ڪندڙن خلاف مختلف ڪارروايون

6 ڳٽڪا فروشن سميت 13 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 6 ڳٽڪا فروشن سميت 13 جوابدار گرفتار، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ٺٽو پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ميرپورخاص پوليس ڪانسٽيبلن جي ڀرتي تي هاءِ ڪورٽ جو اهم حڪم، اميدوارن جي ٻيهر جانچ لاءِ هڪ ڪميٽي قائم

ميرپورخاص رينج ۾ پوليس ڪانسٽيبلن BPS_07 جي ڀرتي ۾ اهم پيش رفت ٿي آهي

اميدوارن جي اميدوارن ۽ ڀرتي جي رڪارڊ جي ٻيهر جانچ لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پوليس ڪانسٽيبلن جي ڀرتي تي هاءِ ڪورٽ جو اهم حڪم، اميدوارن جي ٻيهر جانچ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڊويزنل ڪمشنر شهمير ڀٽو ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ميرپورخاص جو دورو

ڊاڪٽر همجي چوهاڻ، ڊاڪٽر ماجد خان، ڊاڪٽر غلام محمد ٻگهيو ۽ ٻيا آفيسر ساڻس گڏ هئا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر شهمير ڀٽو ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ميرپورخاص جي ڊائلاسز سينٽر، گائني وارڊ، اولڊ سول ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٺٽي ۾ هاري ڪارڊ جي اجرا بابت اهم اجلاس، حقدار آبادگارن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ تي زور

هاري ڪارڊ جي اجراءِ ۽ آبادگارن کي هن سهولت جي فراهمي بابت هڪ اهم اجلاس منعقد

ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن سليم جوکيو سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ هاري ڪارڊ جي اجرا بابت اهم اجلاس، حقدار آبادگارن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ تي زور - ڊپٽي ڪم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ليکڪ آپا عزيزه حنا عباسيءَ جي ٻه ڄڻين سار جي موقعي تي ڪيس لفظن جي گلابن سان عظمت ڀريو خراج پيش

خاص طور ٺٽي ضلعي جي علمي، ادبي ۽ سماجي ڪيترن ۾ تمام گهڻيون شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون

عورتن ۽ شاگردن ۾ علمي، ادبي ،سماجي ۽ مظلوم دوست شعور بيدار ڪرڻ جي ڀرپور ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي

ٺٽو) رپورٽ واحدشورو) (عزيزه حنا عباسي پنهنجي نظم توڙي نثر ۾ پنهنجي مٽيءَ ،پنهنجي ماڻهن توڙي مظلوم ۽ محڪوم طبقن جي حقن لاءِ ڀرپور آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ملڪ نواز جوکيو جي روزگار لاءِ احتجاجي تحريڪ 28هين ڏينهن ۾ داخل

جسقم چيئرمين صنعان قريشي پاران يڪجهتي، هرحال ۾ مالڪي جو اعلان

ملڪ نواز جوکيو پاران ڊي سي آفيس جي گيٽ تي جاري احتجاجي ويهڪ کي اڄ 28 ڏينهن مڪمل ٿي ويا

ٺٽو) رپورٽ واحدشورو) ملڪ نواز جوکيو جي روزگار لاءِ احتجاجي تحريڪ 28هين ڏينهن ۾ داخل، جسقم چيئرمين صنعان قريشي پاران يڪج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

گهارو ۾ شاندار استقبال، ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو پاران ڪيترن ئي سالن کان محروم بڻيل

ٻن قديمي ڳوٺن سميت ٽن ڳوٺن ۾ بجليءَ جي فراهمي جو افتتاح

جام عبدالڪريم جوکيو ۽ ساڻس گڏ آيل مهمانن ۽ ڳوٺاڻن گڏجي بجليءَ جي فراهمي جو باقاعده افتتاح ڪيو

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) ملير پاڪستان پيپلز پارٽي جي چونڊيل قومي اسيمبلي جي ميمبر ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو جي آم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

K-ELECTRIC
افتتاحی تقریب: بجلی کی فراہمی
گوٹھ غلام محمد جوکھیو، گوٹھ کرمی جوکھیو، ٹاؤن کمیٹی گھارو
بدست مبارک
سردار جام عبدالکریم بجار جوکھیو (ایم این اے ملیر)
جام احسان جوکھیو (چیئرمین ٹاؤن کمیٹی گھارو)
منظور لودھی (ریجنل ہیڈ کے الیکٹرک)
نبیل قیوم (کلسٹر ہیڈ کے الیکٹرک)
6:06 pm

ور شهر لڳ افسوسناڪ روڊ حادثو، 2 ڄڻا فوت

حادثي جي نتيجي ۾ مرغي سان ڀريل تيز رفتار مزدا نمبر AAEB_216 کاهي ۾ ڪري پئي

جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ڄڻا ٿڏي تي فوت ٿي ويا، ٽي ڄڻا سخت زخمي

گهوڙاٻاري (شاهه خالدڏاتارارو) ور شهر لڳ افسوسناڪ روڊ حادثو، 2 ڄڻا فوت. غلام الله ور شهر لڳ ٺمڪا چوڪ وٽ افسوسناڪ روڊ حادثي جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سيدجلال شاهه راجوقريشي، محمد عمرناهيو، فضل سمون ۽ ٻين پريس ڪلب گهارو ۾ ڪانفرنس

سنڌترقي پسند پارٽي پاران "سنڌ منهنجي امان" جي سري هيٺ عوامي جاڳرتا مهم جو سلسلو جاري آهي

مڪلي، گجو، گهارو، ساڪرو ۽ ڳاڙهو پهچندو، جتي هو عوامي جلسي کي پڻ خطاب ڪندو

گهارو) نمائندو (سنڌترقي پسند پارٽي ضلعي ٺٽي جي صدرسيدجلال شاهه راجوقريشي، محمد عمرناهيو، فضل سمون ۽ ٻين پريس ڪلب گهارو ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

دادو ۾ ٽي افسوسناڪ واقعا، پورهيت نوجوان ۽ پيرسن فوت، ناري پاران مبينا خودڪشي جي ڪوشش

گهرجي ڪمري ۾ پکي سان رسو ٻڌي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، واقعي کانپوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او اعجاز علي پنهور پوليس نفري سان گڏ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو

پوليس جي جاچ دوران فوتي جي سڃاڻپ سيال بند جو رهواسي محمد حسين ولد محمد ايوب ڪنير طور ٿي آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر ۽ ڀرپاسي ۾ پيش آيل ٽن افسوسناڪ واقعن سبب سوڳ واري صورتحال ڇانئجي وئي، ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد مرڪپور محلي ۾ شادي شده پورهيت نوجوان عامر ولد حضور بخش پنڻ مبينا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن تنظيم جي اڳواڻن پاران ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري رهي

آل سنڌ پرائمري ٽيچر ايسوسيئشن رجسٽرڊ تنظيم جي اڳواڻن پرائمري استادن جي پروموشن نه ڏيڻ خلاف ٽئين ڏينهن به بک هڙتال جاري رکي

سٽي جنرل سيڪريٽري شڪيل احمد ميمڻ ۽ ٻين استادن وڏي انگ ۾ علامتي بک هڙتال ۾ شرڪت

2024 ۾ پرائمري ٽيچرن سان پروموشن ۾ زيادتيون ڪيون ويون آهن اسان استادن جا مڪمل ضروري ڪوائف فارملٽيون پوريون ڪري

بدين (رجب راهمون) آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن تنظيم جي اڳواڻن پاران ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري رهي. تفصيل . آل سنڌ پرائمري ٽيچر ايسوسيئشن رجسٽرڊ تنظيم جي اڳواڻن پرائمري استادن جي پروموشن نه ڏيڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

عورت مٿان سندس مڙس جو سخت تشدد متاثر عورت زخمي حالت ۾ پريس ڪلب پهچي وئي

منهنجي مڙس جو ٻي عورت سان ناجائز لاڳاپا هئا مون مڙس کي ان عورت سان گڏ پڪڙيو هو

ان بعد مان گهران ڪاوڙجي پنهنجي والدين جي گهر رهندي آهيان مسڪان انصاري

نوابشاهه(رپورٽر) پنهنجي والد جي گهر رهندڙ عورت مٿان سندس مڙس جو سخت تشدد متاثر عورت زخمي حالت ۾ پريس ڪلب پهچي وئي جتي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سيوهڻ مڪراني محلي ۾ بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، جنهن ۾ هڪ ڄڻو استاد سعيد بروهي شديد زخمي

ٽڪ ٽوڪ جي وي لاڪ ۾ اڪرم بروهي ڀاءُ منهنجي نندي ڀٽ سان بتميزي ڪئي مان انهي جي ڀاءُ اڪرم کي ڏانهن ڏني

انهي مون سان منهن ماري ڪئي، منهن ماري ڪئي پئي ته اڪرم جو ڀي شير محمد عرف شيرو نڪتو ۽ هن به مون سان بتميزي ڪئي

انهي تان شير محمد بروهي لوهي شيخ ڪڍي آيو ۽ مون تي زور سان وار ڪيو ۽ مان شديد زخمي ٿي پيس

سيوهڻ)رپورٽ (سيوهڻ مڪراني محلي ۾ بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، جنهن ۾ هڪ ڄڻو استاد سعيد بروهي شديد زخمي ٿي پيو، جنهن کي سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته سعيد بروهي جو چوڻ آهي ته ٽڪ ٽوڪ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڪراچي يونيورسٽي ۽ يو ايم انٽرپرائزز جي وچ ۾ تعليمي ۽ تحقيقي تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحون

هن ايم او يو جو مقصد گڏيل سائنسي ترقي ذريعي ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي شاگردن کي بهتر تحقيق جا موقعا ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

ايم او يو تحت، يو ايم انٽرپرائزز ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرن جي تحقيقي منصوبن لاءِ مالي مدد فراهم ڪندو

يو ايم انٽرپرائزز گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ گڏيل تحقيقي سرگرمين، ٽيڪنيڪل صلاحيتن جي تبادلي ۽ سائنسي معلومات شروع ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي جي فزيالاجي ڊپارٽمينٽ (پولٽري سائنس پروگرام) ۽ يو ايم انٽرپرائزز جي وچ ۾ تعليمي ۽ تحقيقي فريم ورڪ قائم ڪرڻ ۽ ٽيڪنيڪل تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ مفاهمت جي ياداشت (ايم او يو). ه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڪراچي: جامعه ڪراچي ۽ يو ايم انٽرپرائزز جي مابين مفاهمتي ياداشت تي صحيحون ڪرڻ کانپوءِ گروپ فوٽو

ڪوٽڙي ۾ ايراني پيٽرول جو وڪرو، سيل ٿيل يونٽ ٻيهر کولڻ جو الزام

ڪوٽڙي(رپورٽر)ڪوٽڙي سٽي ۽ سائيٽ ايريا جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور غير قانوني ايراني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ٿرپارڪر ۾ وڻن جي واڍي، ڪاٺ مافيا سرگرم، ڀتاخوري جا الزام

مٺي /ٿرپارڪر:(رپورٽر) ٿرپارڪر ضلعي جي مختلف علائقن مان ڪندي، ڪونيٽ ۽ چار سميت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڪي اليڪٽرڪ پاران پپري پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جو بريڪ ڊائون، شهر کي 35 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ

بجلي بند ٿيڻ سبب پپري پمپنگ اسٽيشن جي بجلي مڪمل طور تي معطل ٿي وئي

جنهن جي نتيجي ۾ پپري پمپنگ اسٽيشن تان شهر کي پاڻي جي فراهمي عارضي طور متاثر ٿي. ترجمان

ڪي اليڪٽرڪ پاران منجهند 3 لڳي 30 منٽن تي پپري پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بحال ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) ڪي اليڪٽرڪ پاران پپري پمپنگ اسٽيشن تي اربع جي صبح 11 وڳي بجلي جي وڏي بريڪ ڊائون سبب شهر کي لڳ ڀڳ 35 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب بجلي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪشش ثقل جي لهرن جي دريافت ڪائنات جي مشاهدي لاءِ هڪ نئين دري کولي ڇڏي: پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا

ڪشش ثقل صرف هڪ قوت ناهي پر خلاءِ وقت جي وڪر جو نتيجو آهي. وڏيون شيون خلاءِ وقت کي پنهنجي چوڌاري موڙينديون آهن

ڊسٽنگوئشڊ ليڪچر سيريز جي هڪ خاص ليڪچر دوران ڪيو. "ڪوانٽم شور ۽ انفرنفري کان ٻاهر ڪائنات جي آواز کي ٻڌڻ" تو هان خطاب

هڪ وڏي فلڪياتي جسم جي حرڪت يا وائبريشن خلاءِ وقت ۾ لهرون پيدا ڪري سگهي ٿي

ڪراچي(رپورٽر) ميساچوسٽس انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي، آمريڪا جي معروف يونيورسٽين مان هڪ ايم آءِ ٽي ۾ سائنس ڊپارٽمينٽ جي ڊين ۽ مشهور فلڪيات جي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماول والا چيو ته آئن اسٽائن جي مطابق، ڪش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪراچي: پروفيسر ڊاڪٽر نرگس ماڊل والا جامعه ڪراچي ۾ ليڪچر ڏيندي

آل پرائيويٽ اسڪول مئنيجمينٽ ايسوسيئيشن ڪوٽ غلام محمد جي باڊي جو اعلان

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) آل پرائيويٽ اسڪول مئنيجمينٽ ايسوسيئيشن (APSM) /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت کي بيهوش ڪري 25 لک رپيا ڪٽي وڃڻ جو الزام

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) بيواهه عورت نسرين عرف "اڇي خالا". جيڪا ڪپڙا وڪڻي پنهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

لڪي غلام شاهه ويجهو رستم ۾ موٽر سائيڪل ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي تان فائرنگ، 2 ڄڻا مارجي ويا

هڪ زخمي لڪي غلام شاهه ويجهو رستم ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٻن مبينه ڌوهاري گروپن وچ ۾ جهيڙو

فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻن ڄڻن جي مارجي وڃڻ ۽ هڪ جي زخمي ٿيڻ جو واقعو پيش آيو

لڪي غلام شاهه (رپورٽر)لڪي غلام شاهه ويجهو رستم ۾ موٽرسائيڪل ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي تان فائرنگ، 2 ڄڻا مارجي ويا، هڪ زخمي لڪي غلام شاهه ويجهو رستم ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٻن مبينه ڌوهاري گروپن وچ ۾ جهيڙو، فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻن ڄڻن جي مارجي وڃڻ ۽ هڪ جي زخمي ٿيڻ جو واقعو پيش آيو مارجي ويلن ۾ مرتضيٰ عمر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ايڊيشنل سيشن جج/ايڪس آفيسيو جسٽس آف پيس ماتلي بلاول پيرزادو درخواست منظور ڪري ڇڏي

درخواستگذار عبدالعزيز جي وڪيل طور سيف رحمان عرف سيفو ڪشميري خلاف درخواست جي پيروي ڪئي

خلاف چيڪ ڊس آنر ٿيڻ بابت قانوني ڪارروائي ۽ FIR درج ڪرڻ لاءِ هدايتون طلب ڪيون ويون هيون

ماتلي (رپورٽر) ماتلي جي نوجوان وڪيل ايڊووڪيٽ رضوان علي ميمڻ پاران پيش ڪيل فوجداري درخواست تي ايڊيشنل سيشن جج/ ايڪس آفيسيو جسٽس آف پيس ماتلي بلاول پيرزادو درخواست منظور ڪري ڇڏي. درخواست ۾ در/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32